
آن لائين
# ڪاوش دنيا
آچر 19 جولاءِ 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



- ايران ـ آمريڪا جنگ جا نقصان
- احمد خان مدهوش جي شاعري
- آمريڪا جون يونيورسٽيون

## غزل صديق
## فني سفر


### هن پرچي جا ليکڪ
ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر
امتياز ابڙو
نصير سومرو
محمد حبيب سنائي
عرفان هارون
طارق عزيز شيخ
الهه بخش راڻوڙ
رحمت سومرو
ڊاڪٽر زاهد حسين سهتو
تاشفين رضوان
ناشاد شوڪت شنباڻي

### شاعري
بدر شاهه
پارومل امراڻي
ساپيان سانگي
حسن وساڻ
وفا جانوري
نويد نازپٽي

### فاصلاتي ڪچهري
زيب سنڌي، الطاف ابڙو،
قاسم خاصخيلي، هالار ياسين آرائين،
شبير حسين پوت، اشفاق رفيق،
آفتاب احمد، راحت نياز پٽوءِ ممتاز ڪنڀر

### ڪهاڻي
تاج سروهي

### سفرنامو
قربان منگي

# آمريڪا ۽ ايران جنگ ۾ ٿيل نقصانَ


تصوير اي پي

- تازن حملن ۾ بندر خمير ۽ ٻين سامونڊي ۽ اندروني شهرن تي ڪيل بمباريءَ جي نتيجي ۾ سويلين بنيادي ڍانچي جهڙوڪ پلين، اسڪولن ۽ اسپتالن کي به تباهه ڪيو ويو آهي. ايراني سرڪاري ميڊيا مطابق هيل تائين لکين شهري پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيڻ تي مجبور ٿيا آهن.
- جنگ ۾ نقصان رڳو ايران کي نه ٿيو آهي، پر آمريڪا به ڳري قيمت ادا ڪري رهيو آهي. هڪ دفاعي ويب سائيٽ مطابق آمريڪا جا ايران خلاف جنگ تي 35 ارب ڊالرن کان وڌيڪ خرچ ٿي چڪا آهن.
- واشنگٽن پوسٽ مطابق ايران جي حملن سبب وچ اوڀر ۾ آمريڪي فوجي ٺڪاڻن ۽ اڏن جا 200 کان وڌيڪ ڍانچا تباهه يا متاثر ٿيا آهن. هاڻ آمريڪي حڪومت انهن فوجي اڏن جي مرمت کان انڪار ڪندي خالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

**الهه بخش راٺوڙ**

پاڪستان جي تياڪڙيءَ ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبنديءَ واري ٺاهه جي غيرموثر ٿيڻ کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ ايران تي سِتن حملن جي سيريز مڪمل ڪري ورتي آهي، جنهن ۾ ايران جي دفاعي نيٽ ورڪ سان گڏ سويلين آباديءَ کي به تمام گهڻو نقصان پهچايو ويو آهي. انهن حملن ۾ ايران جي 35 شهرين جي شهيد ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ايران جوابي وارُ ڪندي بحرين، اردن، قطر ۽ ڪويت ۾ آمريڪي دفاعي ٺڪاڻن کي نقصان پهچايو آهي.
آمريڪي حملن کانپوءِ ايران جي پاسداران انقلاب مطابق آمريڪا سان مڪمل جنگ شروع ڪرڻ جا امڪان وڌي ويا آهن. ايران پنهنجي بچاءَ ۾ آمريڪا سان مڪمل جنگ وڙهڻ لاءِ تيار آهي. آمريڪا جو چوڻ آهي ته، ”ايران هرمزلنگهه مان گذرندڙ جهازن کي نشانو بڻائي، ٺاهه جي ڀڃڪڙي ڪئي_“ جڏهن ته ايران جو چوڻ آهي ته، ”سندس ملڪ جي حساس ٺڪاڻن تي حملا ڪري آمريڪا ٺاهه ختم ڪري ڇڏيو آهي.“
ان سان گڏ هڪ پرڏيهي نيوز ايجنسيءَ خبردار ڪيو آهي ته ايران تي حملن جي نتيجي ۾ صدر ٽرمپ جي مقبوليت ۾ ريڪارڊ گهٽتائي ٿي وئي آهي، جنهن جا اثر ايندڙ مڊٽرم اليڪشن ۾ سامهون اچي ويندا.
عالمي ادارن جي رپورٽس مطابق آمريڪي فضائي ۽ سامونڊي بمباري آپريشن ”ايپڪ فيوري“ جي نتيجي ۾ ايران جو وڏي پيماني تي جاني، مالي ۽ دفاعي نقصان ٿيو آهي.
28 فيبروري 2026 کان شروع ٿيل جنگ جي، شروعاتي مرحلي ۾ ڪيل شديد حملن ۾ ايران جي سپريم ليڊر علي خامنه اي سميت ڪيترائي ڪمانڊر ۽ ڦهرين صف جا ايٽمي سائنسدان شهيد ٿي ويا. ان سان گڏ پاسداران انقلاب ۽ ايراني فوج جا هزار عملدار ۽ اهلڪار شهيد ٿي ويا. ان سان گڏ انڊرگرائونڊ فوجي اڏن جي تباهي ۽ سامونڊي گهيري دوران ڪيترين ئي شخصيتون شهيد يا زخمي ٿيون.
تازن حملن ۾ بندر خمير ۽ ٻين سامونڊي ۽ اندروني شهرن تي ڪيل بمباريءَ جي نتيجي ۾ سويلين بنيادي ڍانچي جهڙوڪ پلين، اسڪولن ۽ اسپتالن کي به تباهه ڪيو ويو آهي. ايراني سرڪاري ميڊيا مطابق هيل تائين لکين شهري پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيڻ تي مجبور ٿيا آهن.
آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ ۽ ٻين آزاد ذريعن مطابق ايران ۾ هيل تائين 228 کان وڌيڪ وڏا فوجي ۽ سويلين ڍانچا مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪا آهن. چون ٿا ته، ايراني نار ۽ هرمزلنگهه ۾ آمريڪي ڪارروائين سبب ايران جي روايتي نيويءَ کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويو آهي. ايران جي گاديءَ واري شهر تهران، فوردو، نطنز ۽ اصفهان ۾ انتهائي محفوظ انڊر گرائونڊ رچيل يورنيم جا مرڪز، بيلسٽڪ ميزائل سائلوز ۽ هٿيارن جي ذخيرن کي پڻ سخت نقصان پهچايو ويو آهي.
تازوئي ئي ايران جي ڏکڻ اوڀر سامونڊي علائقي تي پاسداران انقلاب جو اهم سيڪيورٽي ۽ نگرانيءَ جو ٽاور آمريڪي حملن ۾ تباهه ڪيو ويو آهي.
ايراني نار جي سامونڊي علائقن ۾ واقع ايراني آئل ٽرمينلز ۽ ريفائينريز کي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ نشانو بڻايو، جنهن سبب ايران جي تيل ايڪسپورٽ ڪرڻ جي صلاحيت کي متاثر ڪيو ويو. سينٽ ڪام پاران ايراني بندرگاهن جو سخت گهيرو جاري آهي، جنهن سان ايران جي عالمي واپاري صلاحيت متاثر ٿي آهي ۽ ان جي معيشت کي جوڳو نقصان ٿي رهيو آهي. آمريڪي حملن جي نتيجي ۾ بجليءَ جي گرڊز جي تباهي ۽ پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ پڻ پيدا ٿي وئي آهي. ان تباهه ٿيل انفرااسٽرڪچر جي بحاليءَ تي اربين ڊالر خرچ ايندا.

آمريڪا جو نقصان

جنگ ۾ نقصان رڳو ايران کي نه ٿيو آهي، پر آمريڪا به ڳري قيمت ادا ڪري رهيو آهي. هڪ دفاعي ويب سائيٽ مطابق آمريڪا جا ايران خلاف جنگ تي 35 ارب ڊالرن کان وڌيڪ خرچ ٿي چڪا آهن. آمريڪي ڪانگريس کي دفاعي ضرورتن لاءِ 86 ارب ڊالرن جي منظوريءَ لاءِ چيو ويو، جنهن ۾ وڌيڪ رقم ايران جي جاسوسيءَ تي خرچ ڪئي ويندي. اها رقم 15 ارب ڊالرن کان وڌيڪ آهي. ان سان گڏ آمريڪا کي اسٽريٽجڪ نقصان پڻ ٿيو آهي.
آمريڪي فوج آپريشن ”ايپڪ فيوري“ ۾ تمام گهڻا مهانگا ۽ جديد ترين ميزائل ۽ گائيڊيڊ بم استعمال ڪيا. حملن سبب آمريڪي فوج جي هٿيارن جي ذخيرن ۾ ريڪارڊ گهٽتائي آئي آهي، جنهن جي پورائي لاءِ آمريڪا کي سوين ارب ڊالر خرچ ڪرڻا پوندا. آمريڪا جي هوائي فوج ۽ نيويءَ کي ايراني حملن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 جديد ترين ايم ڪيو نائين ريپر ڊرونز جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي، جيڪي ڳري ماليت جا هئا.
هرمزلنگهه جي ٻيهر بندش ۽ سامونڊي جهازن تي حملن سبب عالمي سطح تي خام تيل جي قيمتن ۾ ريڪارڊ اضافو ٿيو آهي، جنهن سان آمريڪي معيشت کي ڌچڪو لڳو آهي ۽ ناڻيواڊ ۾ اضافو ٿيو آهي. ايران ۽ ان جي اتحادين خطي ۾ قائم آمريڪي فوجي اڏن تي سوين بيلسٽڪ ميزائل ۽ خودڪش ڊرونز سان حملا ڪيا. واشنگٽن پوسٽ مطابق ايران جي حملن سبب وچ اوڀر ۾ آمريڪي فوجي ٺڪاڻن ۽ اڏن جا 200 کان وڌيڪ ڍانچا تباهه يا متاثر ٿيا آهن. هاڻ آمريڪي حڪومت انهن فوجي اڏن جي مرمت کان انڪار ڪندي خالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.
آمريڪي اتحادين، جن ۾ ڪويت به شامل آهي، اتي موجود آمريڪي اڏي علي السالم ايئر بيس ۽ اردن جي الازرق ايئر بيس تي پڻ ايراني ميزائل حملن سبب تيل جا ذخيرا تباهه ٿيا، مواصلاتي نيٽ ورڪس ۽ هيڊ ڪوارٽرز کي سخت نقصان پهتو، ۽ موجود ڪيترائي آمريڪي فوجي مارجي ويا يا زخمي ٿيا آهن. اخبار مطابق جاني نقصان جا انگ اکر ظاهر نه ڪيا ويا آهن.
آمريڪي صدر کي ايران تي حملن جي سياسي ۽ عسڪري قيمت به برداشت ڪرڻي پئي آهي. گيلپ جي تازي سروي مطابق آمريڪي عوام ۾ جنگ جي حمايت جا صرف 34 سيڪڙو حامي رهجي ويا آهن. 1980 جي ڏهاڪي کانپوءِ اها ڪنهن آمريڪي جنگ لاءِ عوامي حمايت جي گهٽ کان گهٽ سطح آهي. عالمي گولي تي آمريڪا کي شديد سفارتي اڪيلائپ کي منهن ڏيڻو پيو آهي. گيلپ انٽرنيشنل مطابق دنيا جي 80 سيڪڙو عوام ايران خلاف جنگ شروع ڪرڻ جو ذميدار آمريڪا ۽ اسرائيل کي قرار ڏنو آهي. يورپي يونين کان وٺي برطانيا تائين آمريڪا جي روايتي اتحادين ان جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو.
آمريڪا جي ايران تي حملن جي قيمت عالمي برادريءَ کي به ادا ڪرڻي پوندي. هرمزلنگهه ذريعي تيل جي فراهمي متاثر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 35 سيڪڙو تيل جي ايڪسپورٽ رُڪجي ويندي. في الحال روس ۽ سعودي عرب مارڪيٽ ۾ تيل آڻي رهيا آهن، ان سان گڏ آمريڪا به اسٽريٽجڪ ريزروز جو استعمال ڪري رهيو آهي، انڪري قيمتن ۾ استحڪام آهي. چين، جيڪو 80 سيڪڙو ايراني تيل خريد ڪندو آهي، ان به خريداريءَ کي سست ڪيو آهي.
سعودي عرب سمنڊ بدران پائيپ لائينز ذريعي تيل جي ايڪسپورٽ کي تيز ڪيو آهي. جيڪڏهن علائقي ۾ مڪمل جنگ شروع ٿي وئي ته تيل جون قيمتون ٻيڻ تي وڌڻ سبب في بيرل 150 ڊالرن تائين پهچي سگهي ٿو. اها صورتحال 1990 جهڙي، وچ اوڀر ۾ عراق تي آمريڪي حملي جهڙي هوندي، جڏهن تيل جون قيمتون ٻيڻ تي وڌيون هيون.
هن ڀيري آمريڪا اندر به ٽرمپ جي خلاف محاذ کڙو ٿي ويو آهي. ملڪ جي نائب صدر جي ڊي وينس کُليل لفظن ۾ چيو آهي ته، ايران جي خلاف آمريڪا هاڻ اسرائيل جي جنگ وڙهي نٿو سگهي. اسرائيل جنگ تي ڳري رقم خرچ ڪئي. اهو اسرائيل ئي هو، جنهن ان جي خلاف مهم تي اربين ڊالر خرچ ڪيا. اهوئي سبب آهي جو آمريڪي ڪانگريس ۾ ٽرمپ کي مات ملي ۽ بل منظور نه ڪرائي سگهيو. آمريڪا جي اندر ٽرمپ تي دٻاءَ جي نتيجي ۾ ايران خلاف آمريڪي حملا ڊگهي عرصي تائين جاري رهي نٿا سگهن. جيڪڏهن ايران وچ اوڀر ۾ آمريڪا جي اتحادين تي حملا تيز ڪيا ته سعودي عرب سميت ڪوبه ملڪ بچي نه سگهندو. انهن سمورن عرب ملڪن کي جنگ جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ■

# آمريڪي يونيورسٽيون ۾ پاڪستان جي نوجوانن لاءِ موجود موقعا

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر

دنيا اڄ علم، تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي بنياد تي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي. موجوده دور ۾ ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو اصل معيار صرف قدرتي وسيلا يا معاشي طاقت نه، پر ان قوم جا تعليم يافته ماڻهو، ماهر، تخليقي ۽ تحقيق ڪندڙ نوجوان آهن. اهي ملڪ، جيڪي پنهنجي نوجوان نسل کي جديد تعليم ۽ تحقيق جا موقعا ۽ عملي مهارتون فراهم ڪن ٿا، اهي ئي عالمي سطح تي اڳواڻي ڪري رهيا آهن.

ڪجهه ڏينهن اڳ آمريڪا جي مختلف اعليٰ تعليمي ادارن جي دوري دوران اهو مشاهدو ٿيو ته، دنيا جون بهترين يونيورسٽيون صرف ڊگريون ڏيڻ جا مرڪز نه آهن، پر اهي علم، تحقيق، تخليق ۽ نون خيالن جي پيداوار جا عالمي مرڪز آهن. انهن ادارن ۾ شاگردن کي صرف ڪتابي ڄاڻ نه ٿي ڏني وڃي، پر انهن کي مسئلا حل ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ، نوان خيال پيدا ڪرڻ ۽ سماج جي ضرورتن مطابق ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي.

پاڪستان جي نوجوانن لاءِ دنيا جي انهن بهترين يونيورسٽين ۾ وڏا موقعا موجود آهن. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻن، جديد علم حاصل ڪن ۽ پنهنجي سکيا کي پنهنجي وطن جي ترقيءَ سان ڳنڍين. دنيا جي بهترين يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪندڙ نوجوان پاڪستان جو سڀ کان قيمتي سرمايو آهن. انهن تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو پنهنجي تعليم، تحقيق، جديد سوچ ۽ عالمي تجربن کي پاڪستان جي ترقي، مضبوط ادارن جي تعمير ۽ علم تي ٻڌل معيشت جي قيام لاءِ استعمال ڪن.

آمريڪي يونيورسٽين جو تعليمي نظام تحقيق ۽ عملي سکيا تي ٻڌل آهي. اتي شاگردن کي مختلف شعبن ۾ نيون ايجادون ڪرڻ، تحقيقاتي منصوبن تي ڪم ڪرڻ ۽ عالمي مسئلن جا حل ڳولڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ٿا. مصنوعي ذهانت (AI)، بايو ٽيڪنالاجي، روبوٽڪس، ماحولياتي سائنس، زرعي تحقيق، انجنيئرنگ ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جهڙا شعبا مستقبل جي دنيا کي نئون رخ ڏيئي رهيا آهن.

> آمريڪا جي ترقيءَ جو هڪ اهم راز ان جو مضبوط تحقيقي نظام ۽ يونيورسٽين جو صنعت، حڪومت ۽ سماج سان ويجهو تعلق آهي. يونيورسٽيون نيون تحقيقون ڪن ٿيون، صنعت انهن تحقيقن کي عملي شڪل ڏئي ٿي ۽ حڪومت پاليسين ذريعي ان عمل کي هٿي وٺرائي ٿي. اهڙي سهڪار سان نيون ٽيڪنالاجيز، ڪاروبار ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿين ٿا. پاڪستان جي يونيورسٽين لاءِ به اهو ضروري آهي ته اهي عالمي ادارن سان رابطا وڌائين، تحقيقاتي منصوبن ۾ حصو وٺن، فيڪلٽي ۽ شاگردن جي متاسٽا جا پروگرام وڌائين ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ اڳتي وڌن.




پاڪستان لاءِ به اهو ضروري آهي ته اهو پنهنجي نوجوانن کي انهن جديد شعبن سان ڳنڍي. اسان وٽ نوجوانن جي وڏي آبادي موجود آهي، جيڪا جيڪڏهن صحيح تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري ته ملڪ جي سڀ کان وڏي طاقت بڻجي سگهي ٿي.

آمريڪا جي ترقيءَ جو هڪ اهم راز ان جو مضبوط تحقيقي نظام ۽ يونيورسٽين جو صنعت، حڪومت ۽ سماج سان ويجهو تعلق آهي. يونيورسٽيون نيون تحقيقون ڪن ٿيون، صنعت انهن تحقيقن کي عملي شڪل ڏئي ٿي ۽ حڪومت پاليسين ذريعي ان عمل کي هٿي وٺرائي ٿي. اهڙي سهڪار سان نيون ٽيڪنالاجيز، ڪاروبار ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿين ٿا.

پاڪستان جي يونيورسٽين لاءِ به اهو ضروري آهي ته اهي عالمي ادارن سان رابطا وڌائين، تحقيقاتي منصوبن ۾ حصو وٺن، فيڪلٽي ۽ شاگردن جي متاسٽا جا پروگرام وڌائين ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ اڳتي وڌن. اسان کي اهو سمجهڻو پوندو ته مستقبل صرف ڊگريون حاصل ڪرڻ سان نه، پر مهارتن ۽ تحقيق سان ٺهندو. اڄ جي نوجوان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي شعبي سان گڏ اضافي صلاحيتون به حاصل ڪري. رابطي جي صلاحيت، ڊجيٽل ڄاڻ، تنقيدي سوچ، مسئلا حل ڪرڻ جي قابليت ۽ تخليقي انداز هر شعبي ۾ سنڌس ڪاميابيءَ لاءِ اهم آهي.

مصنوعي ذهانت اڄ دنيا جي هر شعبي تي اثرانداز ٿي رهي آهي. زراعت ۾ اي آءِ فصلن جي بهتر انتظام، پاڻيءَ جي بچت ۽ پيداوار وڌائڻ ۾ مدد ڪري رهي آهي. صحت جي شعبي ۾ جديد تشخيص ۽ علاج جا نوان رستا کلي رهيا آهن. صنعت ۾ خودڪار نظام ۽ روبوٽڪس پيداوار جي طريقن کي تبديل ڪري رهيا آهن. ان ڪري پاڪستاني نوجوانن کي به انهن شعبن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي.

سنڌ جهڙي زرعي صوبي لاءِ جديد زرعي تحقيق ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي وڏي اهميت آهي. سنڌ جي نوجوانن وٽ زراعت، پاڻي، ماحوليات ۽ خوراڪ جي شعبن ۾ تحقيق جا وسيع موقعا موجود آهن. جيڪڏهن نوجوان جديد زرعي سائنس، ڊيٽا، مشينري ۽ ڪاروباري سوچ سان اڳتي وڌن ته هو سنڌ جي زرعي معيشت ۾ وڏي تبديلي آڻي سگهن ٿا. اسان جي تعليمي ادارن کي عالمي يونيورسٽين سان رابطن ذريعي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي، جيئن شاگردن ۽ محققن کي عالمي تجربن مان فائدو حاصل ٿي سگهي.

ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ پاڪستاني شاگردن ۽ ماهرن جي به اهم ذميواري آهي. هو پنهنجي علم ۽ تجربن کي صرف ذاتي ڪاميابي تائين محدود نه رکن، پر پاڪستان جي نوجوانن جي رهنمائي ڪن، علمي رابطن کي وڌائين ۽ پنهنجي ملڪ جي ادارن جي بهتريءَ لاءِ ڪردار ادا ڪن.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن پنهنجي ترقيءَ جي سفر کي پنهنجي انساني وسيلن جي بهتر استعمال سان ڪامياب بڻايو آهي. جاپان، ڏکڻ ڪوريا، سنگاپور ۽ ٻين ملڪن پنهنجي نوجوانن کي تعليم، تحقيق ۽ مهارتن سان مضبوط بڻائي عالمي معيشت ۾ پنهنجو مقام ٺاهيو آهي. پاڪستان به پنهنجي نوجوانن تي سيڙپڪاري ڪري اهڙي ترقيءَ جو سفر شروع ڪري سگهي ٿو.

اسان کي پنهنجي نوجوانن ۾ اهو احساس پيدا ڪرڻو پوندو ته هو صرف نوڪري ڳوليندڙ نه، پر مستقبل جا تخليقڪار ۽ معمار آهن. هو تحقيق ڪندڙ، ڪاروباري اڳواڻ، سائنسدان، استاد ۽ سماجي تبديليءَ جا نمائندا بڻجي سگهن ٿا. تعليم جو اصل مقصد صرف روزگار حاصل ڪرڻ نه، پر انسان کي سوچڻ، سمجهڻ ۽ سماج لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائڻ آهي. مضبوط قومون هميشه مضبوط تعليمي ادارن مان پيدا ٿين ٿيون.

آمريڪا جي مختلف يونيورسٽين جي دوري دوران اهو معلوم ٿيو ته ترقي يافته قومن جي ڪاميابيءَ جو بنيادي راز علم، تحقيق، جدت ۽ نوجوانن تي اعتماد ۾ لڪل آهي. پاڪستان جو روشن مستقبل به علم، تحقيق ۽ مضبوط تعليمي ادارن سان ڳنڍيل آهي.

اڄ ضرورت آهي ته اسان پنهنجي نوجوانن کي موقعا ڏيون، انهن جي صلاحيتن تي اعتماد ڪريون ۽ انهن کي عالمي معيار جي تعليم ۽ تربيت سان ڳنڍيون، ڇو ته نوجوان ئي پاڪستان جو اصل سرمايو آهن. اميد آهي ته پاڪستان جا نوجوان علم، خدمت ۽ جدت جي طاقت سان ملڪ کي ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جي نئين دور ڏانهن وٺي ويندا. ■



ليکڪ اياز لطيف پليجو سان گڏ




نامياري آرٽسٽ محمد علي ڀٽي ۽ ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر

عوامي جاين، باغيچن، لائبريرين ۽ ڪميونٽي ڪلچر جو زوال

# سماج جي بدلجندڙ ترجيحن جي ڪهاڻي

عرفان هارون



سانجهيءَ جا پاڇا آهستي آهستي حيدرآباد جي گهٽين ۽ رستن تي لهندا پيا وڃن. هڪ وقت اهو به هوندو هو، جڏهن ٻار گهٽين ۾ ڪرڪيٽ کيڏندا هئا، بزرگ پارڪن جي بينچن تي ويهي هڪ ٻئي سان پنهنجين دلين جون ڳالهيون ونڊيندا هئا، نوجوان لائبريرين جو رخ ڪندا هئا، ۽ گهرن مان پاڻي شهر جي ڪنهن باغ يا عوامي هنڌ تي ڪجهه خوشگوار گهڙيون گذارڻ لاءِ نڪرندا هئا. اڄ اهو منظر مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪو آهي. راندين جا ميدان ڏينهون ڏينهن محدود ٿيندا پيا وڃن، پارڪ خاموشيءَ جي تصوير بڻيل نظر اچن ٿا، لائبريريون ويرانين جو احساس ڏيارين ٿيون، جڏهن ته موبائل فونن جون روشن اسڪرينون اسان جي سماجي زندگيءَ جي جاءِ والاري ويٺيون آهن.

اها تبديلي رڳو حيدرآباد شهر جي نه، پر هڪ سڄي سماج جي بدلجندڙ ترجيحن جي ڪهاڻي آهي. سوال اهو ناهي ته اسان جي شهرن ۾ ڪيترا فلاءِ اوورس، پلازا يا اوچيون عمارتون تعمير ٿي رهيون آهن؛ پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا اسان جا شهر انسانن لاءِ به تعمير ٿي رهيا آهن؟ ڇا انهن ۾ اهڙيون جايون موجود آهن، جتي ٻار محفوظ ماحول ۾ راند ڪري سگهن.

ڪٿي سارسنڀال جو شديد فقدان آهي، ڪٿي مناسب روشنيءَ جو انتظام موجود ناهي، ته ڪٿي پارڪ رڳو نالي ماتر رهجي ويا آهن. اهڙيءَ ريت ڪيترائي راندين جا ميدان رهائشي يا واپاري مقصدن جي نذر ٿي ويا آهن، جڏهن ته نون آباد ٿيندڙ علائقن ۾ کليل جايون شهري رٿابنديءَ جو لازمي حصو بڻجي ئي نه سگهيون آهن.

لائبريرين جي حالت به ڪنهن به طرح گهٽ ڳڻتيءَ جوڳي ناهي. اهڙي شهر ۾، جنهن جي سڃاڻپ ڪڏهن علمي ۽ ادبي سرگرمين سبب هوندي هئي، اتي مطالعي جي واڌاري لاءِ جديد، فعال ۽ دلڪش عوامي لائبريرين جو انگ نه هئڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن نوجوانن مان ڪو علم حاصل ڪرڻ يا تحقيق ڪرڻ چاهي به، ته کيس اهڙو سازگار ماحول تمام گهٽ ملي ٿو، جتي هو سڪون سان ويهي پڙهي سگهي، تحقيق ڪري سگهي يا پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي نکار ڏئي سگهي.

اها کوٽ رڳو وندر يا مطالعي وارين جاين تائين محدود ناهي، پر سماجي لاڳاپن سان پڻ جڙيل آهي. جڏهن شهرن ۾ اهڙيون جايون گهٽجنديون وينديون، جتي ماڻهو فطري نموني هڪ ٻئي سان ملي سگهن، ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن ۽ هڪ ٻئي کي سمجهي سگهن، تڏهن سماج



حيدرآباد شهر جي اصل ضرورت وڌيڪ ڪنڪريٽ نه، پر وڌيڪ انسان دوست شهري رٿابندي آهي. اهڙا پارڪ، جيڪي زندگيءَ سان ڀرپور هجن؛ اهڙيون لائبريريون، جيڪي نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين؛ اهڙا راندين جا ميدان، جتي مستقبل جا رانديگر تيار ٿين؛ ۽ اهڙا ڪميونٽي سينٽر، جتي مختلف نسلن، طبقن ۽ خيالن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو اچي سگهن، انهن جي ضرورت آهي.

نوجوان مثبت سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهن، بزرگ سڪون جا چند لمحا گذاري سگهن، ۽ خاندان هڪ ٻئي جي ويجهو اچي سگهن؟

حيدرآباد، جيڪو ڪڏهن پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ، ادبي محفلن، باغن ۽ سماجي ميل جول سبب مشهور هو، اڄ تيزيءَ سان اهڙي شهري دٻاءَ جو شڪار بڻجي رهيو آهي، جتي آبادي ته وڌي رهي آهي، پر عوامي جايون مسلسل محدود ٿينديون پيون وڃن. نيون آباديون وجود ۾ اچي رهيون آهن، پر انهن سان گڏ پارڪ، راندين جا ميدان، ڪميونٽي سينٽر ۽ معياري لائبريريون ساڳئي رفتار سان قائم نه ٿيون. نتيجي طور نوجوانن جي وڏي انگ وٽ صحتمند وندر، مطالعي ۽ سماجي سرگرمين جا موقعا ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيندا پيا وڃن.

شهر رڳو سرن، سيمينٽ ۽ رستن جو مجموعو ناهن هوندا، پر ڪنهن به شهر جي اصل سڃاڻپ اهي جايون هونديون آهن، جتي ماڻهو هڪ ٻئي سان ملن ٿا، خيالن جي ڏي وٺ ڪن ٿا، ثقافت کي هٿي ملي ٿي، ۽ ايندڙ نسل پنهنجي سماجي سڃاڻپ جوڙين ٿا. جڏهن اهي جايون ختم ٿيڻ لڳن ٿيون، تڏهن شهر به آهستي آهستي پنهنجو روح وڃائڻ لڳن ٿا.

شايد انهيءَ ڪري اڄ اسان کي اڳ کان وڌيڪ شدت سان پاڻ کان اهو سوال ڪرڻ گهرجي: ڇا اسان ترقي يافته شهر تعمير ڪري رهيا آهيون، يا رڳو عمارتن جا جهنگل؟ انهيءَ سوال جو جواب ڳولڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين سڀ کان پهرين پنهنجي شهر، حيدرآباد، کي ڏسون؛ پوءِ سنڌ صوبي ۽ پاڪستان جي ٻين شهرن جي مجموعي صورتحال جو جائزو وٺون، ۽ آخر ۾ دنيا جي انهن شهرن مان سبق حاصل ڪريون، جن ترقي کي رڳو تعميرن تائين محدود نه رکيو، پر انسان دوست شهري زندگيءَ سان ڳنڍيو آهي.

حيدرآباد... جتي شهر ته پکڙجي رهيو آهي، پر زندگي سوڙهي ٿيندي پئي وڃي

حيدرآباد سنڌ جو ٻيو وڏو شهر آهي. هي رڳو هڪ واپاري مرڪز نه، پر علم، ادب، ثقافت ۽ تهذيب جي مضبوط روايتن جو امين پڻ رهيو آهي. هن شهر ڪيترائي ناميارا اديب، شاعر، صحافي، استاد، سائنسدان ۽ دانشور پيدا ڪيا آهن، پر اڄ اهوئي شهر اهڙي به واٽ تي بيٺل نظر اچي ٿو، جتي شهري ترقي ۽ انساني ضرورتن جي وچ ۾ فاصلو لڳاتار وڌندو پيو وڃي.

گذريل ٻن ڏهاڪن دوران شهر جي آباديءَ ۾ نمايان اضافو ٿيو، نيون رهائشي اسڪيمون وجود ۾ آيون، رستن جو ڄار وسيع ٿيو، واپاري مرڪزن ۾ واڌارو آيو ۽ اوچيون عمارتون تعمير ٿيون، پر ان سان گڏ هڪ سوال به وڌيڪ شدت اختيار ڪندو ويو ته، آخر وڌندڙ آباديءَ لاءِ نوان پارڪ ڪٿي آهن؟ ٻارن لاءِ محفوظ راندين جا ميدان ڪٿي آهن؟ نوجوانن لاءِ جديد عوامي لائبريريون ۽ علمي مرڪز ڪٿي آهن؟ عورتن، بزرگن ۽ خاص ضرورتن وارن ماڻهن لاءِ اهڙيون کليل ۽ محفوظ جايون ڪٿي آهن، جتي هو بنا ڪنهن خوف يا خطري جي ويهي سڪون سان ڪجهه لمحا گذاري سگهن؟

شهر جا جيڪي ٿورا گهڻا پارڪ باقي بچيا آهن، سي به بنيادي سهولتن کان محروم آهن.

آهستي آهستي اڪيلائپ، بي اعتمادي ۽ سماجي ورهاڱي جو شڪار ٿيڻ لڳندو. انهيءَ ڪري اڄ موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا، جيتوڻيڪ رابطن کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي، پر حقيقي انساني رشتا اڳي کان گهٽ وڌيڪ ڪمزور ٿي چڪا آهن.

حيدرآباد شهر جي اصل ضرورت وڌيڪ ڪنڪريٽ نه، پر وڌيڪ انسان دوست شهري رٿابندي آهي. اهڙا پارڪ، جيڪي زندگيءَ سان ڀرپور هجن؛ اهڙيون لائبريريون، جيڪي نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين؛ اهڙا راندين جا ميدان، جتي مستقبل جا رانديگر تيار ٿين؛ ۽ اهڙا ڪميونٽي سينٽر، جتي مختلف نسلن، طبقن ۽ خيالن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو اچي سگهن، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به شهر جي ڪاميابي صرف ان جي رستن، پلن ۽ عمارتن سان نه ماپي ويندي آهي، پر ان جو اصل معيار اهو هوندو آهي ته اتي رهندڙ ماڻهو پاڻ کي ڪيترو محفوظ، باوقار، صحتمند ۽ سماجي طور ڳنڍيل محسوس ڪن ٿا.

جيڪڏهن ڪو اهو سمجهي ته عوامي جايون، پارڪ، لائبريريون ۽ راندين جا ميدان گهٽ هجڻ صرف حيدرآباد جو مسئلو آهي، ته اهو حقيقت جو رڳو هڪ پاسو ڏسڻ جي برابر هوندو. حقيقت اها آهي ته ساڳيو منظر سنڌ جي اڪثر شهرن ۽ پوءِ سڄي پاڪستان ۾ پڻ شدت سان نظر اچي ٿو.

ڪراچي جهڙي عظيم شهر ۾ به آباديءَ جي بي پناهه دٻاءَ، بي هَنگم شهري واڌ ۽ واپاري مفادن ڪيترين ئي عوامي جاين کي محدود ڪري ڇڏيو آهي. سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، نواب شاهه ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ به نيون آباديون ته قائم ٿي رهيون آهن، پر انهن سان گڏ معياري پارڪ، راندين جا ميدان، لائبريريون، ڪميونٽي سينٽر ۽ ثقافتي سرگرمين جا مرڪز ساڳئي رفتار سان وجود ۾ نٿا اچن. نتيجي طور شهري ترقيءَ جو توازن بگڙي چڪو آهي.

اها کوٽ سڀ کان وڌيڪ نوجوان نسل کي متاثر ڪري رهي آهي. جڏهن ڪنهن نوجوان وٽ مطالعي لاءِ پُرسڪون لائبريري، راند ڪرڻ لاءِ محفوظ ميدان يا تخليقي سرگرمين لاءِ ڪا ڪميونٽي اسپيس موجود نه هوندي، ته سندس زندگيءَ جو وڏو حصو موبائل فون، سوشل ميڊيا ۽ بند ڪمرن تائين محدود ٿي ويندو. ڊجيٽل دنيا پنهنجي جاءِ تي اهم ضرور آهي، پر جڏهن اها حقيقي سماجي رابطن جي جاءِ والاري ٿي، تڏهن اڪيلائپ، بيچيني ۽ سماجي ورهاڱي وڌڻ لڳي ٿي.

**دنيا پنهنجن شهرن کي انسان دوست ڪيئن بڻايو؟**

جڏهن اسين پنهنجن شهرن جي صورتحال جي دنيا جي ترقي يافته ملڪن سان ڀيٽ ڪريون ٿا، تڏهن هڪ بنيادي فرق چٽيءَ ريت سامهون اچي ٿو. اتي شهري ترقيءَ جو مقصد رڳو نيون سڙڪون، اوچيون عمارتون يا واپاري مرڪز تعمير ڪرڻ ناهي، پر اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ آهي، جتي هر عمر جو شهري وڌيڪ بهتر، صحتمند ۽ باوقار زندگي گذاري سگهي.

انهيءَ سوچ جي بنياد تي گڏيل قومن جي اداري UN-Habitat پنهنجي پائيدار ترقياتي مقصدن (Sustainable Development Goals)، خاص طور تي SDG-11 (ايس ڊي جي 11) ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته هر شهري کي محفوظ، جامع ۽ معياري عوامي جاين تائين برابريءَ جي بنياد تي رسائي حاصل هئڻ گهرجي. دنيا جي ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن ان تصور کي صرف پاليسيءَ تائين محدود نه رکيو، پر ان کي عملي جامو پڻ پارايو آهي.

عالمي صحت جي اداري (WHO) جي رپورٽن موجب دنيا جي شهري آباديءَ جو هڪ وڏو حصو اڄ به معياري عوامي جاين کان محروم آهي، تنهن هوندي به جن شهرن ۾ پارڪ، سرسبز ميدان، راندين جا ميدان ۽ پيادل هلڻ لاءِ محفوظ رستا موجود آهن، اتي جسماني صحت، ذهني سڪون، سماجي هم آهنگي ۽ مجموعي معيارِ زندگي نمايان طور تي وڌيڪ بهتر ڏٺو ويو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته سرسبز عوامي جايون رڳو وندر جو ذريعو ناهن، پر شهري صحت ۾ هڪ اهم سيڙپڪاري پڻ آهن.

سنگاپور ان جو بهترين مثال آهي. محدود ايراضي ۽ گهاٽي آباديءَ باوجود ان ملڪ پنهنجي ترقيءَ کي قدرتي ماحول واري شهر (City in Nature) جي تصور سان ڳنڍيو آهي. اڄ اتي جديد پارڪ، شهري ٻيلا، واڪنگ ٽريڪس، سائيڪل هلائڻ لاءِ وسيع نيٽ ورڪ، ڪميونٽي باغ ۽ کليل عوامي جايون شهري زندگيءَ جو لازمي حصو بڻيل آهن. نتيجي طور شهري ترقي ۽ ماحولياتي تحفظ هڪ ٻئي جي مخالفت نه، پر هڪ ٻئي جي تڪميل بڻجي چڪا آهن.

جاپان پنهنجي شهري رٿابنديءَ ۾ لائبريرين، ڪميونٽي سينٽرن، ٻارن جي راندين جي ميدانن ۽ عوامي باغن کي غير معمولي اهميت ڏني آهي. اهي جايون ٻارن ۾ مطالعي جي عادت، بزرگن ۾ سماجي لاڳاپن ۽ خاندانن ۾ باهمي رشتن کي مضبوط بڻائين ٿيون. جاپان جو شهري ماڊل اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته مضبوط سماج صرف مضبوط معيشت سان نٿا ٺهن، پر مضبوط ڪميونٽي ڪلچر سان پڻ وجود ۾ اچن ٿا.



نيدرلينڊز ۾ شهري رٿابنديءَ جو مرڪز گاڏي نه، پر انسان آهي. پيادل هلندڙن، سائيڪل سوارن، ٻارن، بزرگن ۽ خاص ضرورتن وارن ماڻهن کي پهرين ترجيح ڏني ويندي آهي. انهيءَ ڪري اتي جا شهر نه رڳو ماحول دوست آهن، پر صحتمند طرزِ زندگيءَ جو به هڪ بهترين مثال سمجهيا وڃن ٿا.


ملائيشيا ۽ ترڪي به گذريل ٻن ڏهاڪن دوران پنهنجن وڏن شهرن ۾ پارڪن، ثقافتي مرڪزن، عوامي لائبريرين ۽ خاندان دوست عوامي جاين تي مسلسل سيڙپڪاري ڪئي آهي. انهن ملڪن ان حقيقت کي تسليم ڪيو آهي ته شهري ترقي رڳو معاشي ترقيءَ جو نالو ناهي، پر اها هڪ اهم سماجي سيڙپڪاري پڻ آهي، ۽ اهڙي سيڙپڪاري ئي مستقبل جي صحتمند، پُرامن ۽ هم آهنگ سماج جو بنياد بڻجي ٿي.

اهي سڀ مثال اسان کي هڪ نهايت واضح پيغام ڏين ٿا ته، جيڪڏهن اسين به پنهنجن شهرن کي واقعي رهڻ لائق بڻائڻ چاهيون ٿا، ته اسان کي ترقيءَ جا معيار بدلائڻا پوندا. اسان کي ڪنڪريٽ جا جهنگل نه، پر اهڙا شهر گهرجن، جتي انسان، فطرت، علم، ثقافت ۽ سماجي رشتا گڏجي ترقي ڪري سگهن. اهوئي اهو رستو آهي، جنهن تي هلي اسين پنهنجن شهرن جي وڃايل روح کي ٻيهر زنده ڪري سگهون ٿا.

حيدرآباد شهر کان وٺي سنڌ جي ٻين سهرن سان گڏ سڄي پاڪستان تائين، هاڻي اهو وقت اچي چڪو آهي ته شهري رٿابنديءَ جو تصور تبديل ڪيو وڃي. ان لاءِ حڪومت، بلدياتي ادارن، شهري رٿابندي ڪندڙ ماهرن، خانگي شعبي، يونيورسٽين، سماجي تنظيمن ۽ خود شهرين کي گڏيل ذميواري قبول ڪرڻي پوندي. هر نئين رهائشي اسڪيم ۾ معياري پارڪ، راندين جو ميدان، عوامي لائبريري ۽ ڪميونٽي سينٽر کي قانوني طور لازمي قرار ڏنو وڃي. موجوده پارڪن ۽ لائبريرين جي بحالي، باقاعده سارسنڀال ۽ جديد ضرورتن سان هم آهنگ بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. تعليمي ادارن، ادبي تنظيمن ۽ مقامي حڪومتن جي گڏيل سهڪار سان ڪتابي ميلا، مطالعي جون مهمون، ثقافتي تقريبون، راندين جا مقابلا ۽ خانداني سرگرميون مستقل بنيادن تي منعقد ڪيون وڃن، جيئن عوامي جايون ٻيهر زندگي، رونق ۽ سماجي تحرڪ سان ڀرجي وڃن. ■







# هر دور جا 100 عظيم ناول


محمد حبيب سنائي




پنجين نمبر تي مارسل پرائوسٽ جو ناول ”اِن سرچ آف لاسٽ ٽائيم“ (In Search of Lost Time -1913-27) آهي. جيڪو انگريزي ۾ 1922 ۾ ترجمو ٿيو هو. پيرس جي رزميہ تي آڌاريل، ستن جُلدن تي مشتمل هيءُ ناول، هيسيتائين دنيا جي ”طويل ترين ناول“ جو اعزاز سنڀاليو اچي. اڄڪلھ اها ڳالھ بيان ڪرڻ لاءِ تہ، ڪيئن ڪوحسي تجربو انسان جي غير ارادي يادن کي سجاڳ ڪري سگهي ٿو، اصطلاح madeleine effect يا (Proustian rush) ڪم آندا ويندا آهن. جيڪي هن ناول جي شروعاتي چند صفحن ۾ بيانيل هڪ منظر مان ورتا ويا آهن. جن ۾ دنيا مان بيزار ٿيل راوي ليمن جي گلن واري چانهن ۾ هڪ ننڍڙو ڪيڪ ٻوڙي ٿو ۽ پنهنجي ننڍپڻ جي ساروڻين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ناول جو پهريون جملو آهي: ”هڪ ڊگهي عرصي تائين آئون سويل سمهي پوندو هوس.“

ڇهين نمبر تي ليو ٽالسٽاءِ جو ناول ائنا ڪرينا (Anna Karenina-1878) آهي. اهو ناول پهريان ٻن سالن تائين قسطوار ڇپبو رهيو. ڪارينن جي زال ائنا يا آننا (Anna) ۽ ڪائونٽ ورونسڪي جي وچ ۾ هڪ ناڪام ٽيڙ واري محبت تي لکيل هيءَ ڪهاڻي، ٽالسٽاءِ جي نظر ۾ سندس پهريون ”سچو ناول“ هئي. جيتوڻيڪ ٽالسٽاءِ پاڻ هن ناول کي حيواني ۽ نفرت انگيز (beastly) قرار ڏنو، پر ان وقت کان وٺي اڄ تائين پڙهندڙ ان جي جذباتي گهرائي ۽ روسي سماج جي وسيع عڪاسيءَ ڏانهن ڇڪبا رهيا آهن. وليم فاڪنر ان کي هيل تائين لکيل سڀ کان عظيم ناول قرار ڏنو هو. ان ناول جي پهرئين سٽ آهي: ”سرها ڪٽنب سڀ هڪجهڙا هوندا آهن؛ پر هر ارهو ڪٽنب پنهنجي پنهنجي نموني ارهو هوندو آهي.“

**ڇهين نمبر تي ليو ٽالسٽاءِ جو ناول ائنا ڪرينہ (Anna Karenina-1878) آهي. اهو ناول پهريان ٻن سالن تائين قسطوار ڇپبو رهيو. ڪارينن جي زال ائنا يا آننا (Anna) ۽ ڪائونٽ ورونسڪي جي وچ ۾ هڪ ناڪام ٽيڙ واري محبت تي لکيل هيءَ ڪهاڻي، ٽالسٽاءِ جي نظر ۾ سندس پهريون ”سچو ناول“ هئي.**

ستين نمبر تي بہ ٽالسٽاءِ جو ناول ”وار اينڊ پيس“ (War and Peace-1869) آهي. محبت، الميي، فلسفي ۽ نيپولين واري جنگين جي تاريخ کي پاڻ ۾ سموئيندڙ، ڇئن جلدن واري هن رزميہ بابت ٽالسٽاءِ دعويٰ ڪئي هئي تہ اهو ”ناول ناهي“؛ پر دوستئيفسڪي ان سان اختلاف ڪندي، ان کي روسي ادب جو هڪ شاهڪار قرار ڏنو هو. جيتوڻيڪ ان تخليق جو پهريون حصو 1865ع ۾ ’رشين ميسينجر‘ ۾ قسطوار شايع ٿيو هو، تنهن هوندي بہ اندازو ڪيو وڃي ٿو تہ ان جا شروعاتي نسخا 1856ع جا آهن، ۽ وڌيڪ اهو چيو وڃي ٿو تہ ٽالسٽاءِ ان کي گهٽ ۾ گهٽ 20 ڀيرا ورائي ورائي لکيو. هن ناول جو پهريون جملو آهي: ”هون، شهزادا، تہ هاڻي گينوآ ۽ لوڪا رڳو بوناپارٽن جي خانداني جاگير بنجي ويا آهن.“

اٺين نمبر تي شارلٽ برونٽي جو ناول ”جيني اِري“ (Jane Eyre-1847) آهي، جنهن تي ليکڪ طور فرضي مرداڻو نالو Currer Bell لکيل هو. اهو ناول هڪ گهر ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر هڪ عورت جيني ۽ سندس مسٽر روچسٽر نامي شخص سان اڻٿيڻي محبت جي ڪهاڻي، ۽ روچسٽر جي گهر جي ڇڄهري ۾ رهندڙ هڪ چري عورت جو قصو آهي. اهو ناول شايع ٿيڻ سان ئي سڀ کان وڌيڪ وڪرو ٿيندڙ ڪتاب بنجي ويو. (سندس ڀيڻ ايميليءَ جو ناول Wuthering Heights بہ مهينا پوءِ منظر عام تي آيو هو). ضمير متڪلم واري منفرد بيانيي واري هن ناول ۾ ورتايل خوفناڪ، پراسرار ۽ جنسي موضوعن ان وقت جي پڙهندڙن کي منڊي وڌو. ناول جو پهرئين سٽ هئي: ”ان ڏهاڙي پنڌ ڪرڻ جو امڪان ئي نہ هو.“

نائين نمبر تي آيل جين آسٽن جو ناول پرائيڊ اينڊ پريجڊس (Pride and Prejudice- 1813) آهي. آسٽن جي ان ٻئي شايع ٿيل ناول اسان کي لزي بينيٽ ۽ مسٽر ڊارسي جهڙا ڪردار ڏنا _ ۽ ان سان گڏ ئي شايد دنيا جي پهرين رومانوي مزاحيہ ڪهاڻي (romantic comedy) پڻ ڏني. هن ناول جي طنز ۽ مزاح، بينيٽ خاندان جي وڻندڙ ڪردارن ۽ پنهنجي خيالن ۾ گم رهندڙ هٺيلو ڊارسي، ان وقت کان وٺي اڄ تائين ڪيترن ئي پڙهندڙن کي پنهنجو پرجوش مداح بڻائي رکيو آهي. انگريز ڪٽي ”جنگ ۽ امن“ کي عظيم ترين ناول قرار ڏين ٿا، پر سندن پنهنجو پسنديد ناول هيءُ آهي. هن ناول جو اردو ۾ ترجمو ڪندڙ پلوڙ مترجم شاهد حميد موجب هيءُ ناول هينئر انڊسٽري ٿي ويو آهي ۽ عالمي برانڊ آهي. ان بنياد تي اربين ڊالرن جو ڪاروبار ڪيو وڃي ٿو. هن ناول جو پهريون جملو آهي: ”اهو عالمي سطح تي تسليم ٿيل سچ آهي تہ سٺي مال ملڪيت وارو ڇڙو مرد، لازماً گهر ڌياڻي جو گهرجائو هوندو.“


ڏهين نمبر تي گستاو فلوبيئر جو ناول ”مادام بوواري“ (Madame Bovary- 1856) آهي. انسنائي دنيائن، پاڻ کي ٻين کان برتر ڪري پائڻ ۽ رومانوي چاهتن جي خطرن بابت هڪ دل ڏاريندڙ ۽ عبرتناڪ داستان، هڪ مايوس ڊاڪٽر جي زال ايما بوواري (Emma Bovary) جي هن ڪهاڻيءَ 19هين صديءَ جي وچ واري فرانس جي هڪ ننڍڙي شهر جي زندگيءَ جي باريڪ بيني ۽ تفصيلي عڪاسيءَ ذريعي ناول نگاريءَ جي رخ کي بدلائي ڇڏيو.


عالمن جو خيال آهي تہ فلوبيئر (Flaubert) پاران ڪڏهن بہ ائين چوڻ ”ميڊم بوواري، مان ئي آهيان“ (Madame Bovary, c'est moi)؛ جو ڪوبہ رڪارڊ موجود ناهي، جڏهن تہ اهو هڪ اهڙو قول آهي، جيڪو هر فڪشن جي سوانحي نوعيت واري هئڻ جي شاهدي طور اڪثر ڏانهس منسوب ڪيو ويندو آهي. هن ناول جو پهريون جملو آهي: ”اسان ڪلاس ۾ هئاسون تہ هيڊماسٽر ڪلاس ۾ گهڙيو، ۽ سندس پويان نئون نينگر آيو، جنهن کي يونيفارم پهريل نہ هو، ۽ اسڪول جو ملازم هڪ وڏي ڊيسڪ کنيو بيٺو هو.“



آخري سؤ نمبر تي ايندڙ ڪتاب ڪارمڪ مڪڪارٿي جو ”دي روڊ“ (The Road- 2006) آهي. هن ناول ۾ هڪ اڻڄاتل عالمي آفت سبب انساني تهذيب جو خاتمو ٿي وڃي ٿو. هڪ ڏهاڪي کان پوءِ، انسان ذات جا بچيل سچيل ماڻهو آدم خور ٿي ويا آهن. هڪڙو پيءُ ۽ سندس ننڍڙو پٽ پسم ٿيل آمريڪا جي وچان لنگهندي سمنڊ ڪناري ڏانهن وڌي رهيا آهن، ۽ هو ڄاڻن ٿا تہ هر پل سندن آخري لمحو ٿي سگهي ٿو. هڪ ڀيانڪ ۽ ويران ڪندڙ قيامت کان پوءِ واري دنيا ۾ پيءُ جي محبت ۽ صبر جي هيءَ ڪهاڻي، ماحولياتي تباهيءَ جي تناظر ۾ اسان جي ڪمزوريءَ کي وڏي اثرائتي انداز ۾ سامهون آڻي ٿي. هن جو پهريون جملو آهي: ”جڏهن هو گهگهہ انڌيري ۾ سرد رات جو ٻيلي ۾ جاڳيو تہ هن هٿ وڌائي پنهنجي پر ۾ ستل ٻار کي ڇهيو.“

جيڪي دوست پوري فهرست پڙهڻ جا خواهش رکن ٿا، سي هيٺئين لنڪ تي ڪلڪ ڪري پڙهي وٺن:

https://www.theguardian.com/books/ng-interactive/2026/may/12/the-100-best-novels-of-all-time




”مين تي الائي ڪيا ٿي ويسان_ جنهن ويلي تيڏا ٿي ويسان_“ احمد خان مدهوش

# ’عشق آهيان، وري وري ايندس‘



رحمت سومرو



احمد خان مدهوش جي والد جو نالو حاجي خان هو. ماڻهو کيس ”شغلي فقير“ جي نالي سان سڏيندا هئا. شغلي فقير جي ذمي اهو ڪم هوندو ته، هو ڪنهن مٿانهين جاءِ وٽ ويهي مولود/حمد شريف ڳائي، ته جيئن آسپاس جا ماڻهو گڏ ٿين. ماڻهن جي گڏجڻ بعد ميان محمود لاڪير انهن کي ديني تعليم/درس ڏيندو هو. ميان محمود لاڪير پنهنجي دور جو مذهبي مبلغ هو، جيڪو آسپاس جي ماڻهن کي ديني دعوت ڏيندو هو. سندس مزار خيرپورناٿن ويجهو ڳوٺ ڀوڙا لاڪير ۾ آهي، جتي اڄ به هن جو عرس ملهايو ويندو آهي.

شغلي فقير کي سندس ان ڪم: يعني شغل ڪرڻ سبب شغلي فقير سڏيو ويندو هو. حاجي خان ’شغلي فقير‘ کي اها ڏات به سندس وڏڙن وٽان مليل هئي. سگهڙن جو سرتاج: جلال ڪٽي سندس تڙ ڏاڏو هو. اها ڪلا ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ان خاندان جي رت ۾ شامل آهي، جيڪا جلال ڪٽي کان خليل عارف تائين جاري رهندي پئي اچي.

شغلي فقير جي شادي خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ سلطان چانڊيو مان لغاري ذات منجهان ٿيل هئي. فقير جي گهرواري اميد سان هئي. ڏاند گاڏيءَ تي چڙهي ڪنهن ڏانهن وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ ئي ويم ٿي پيو. ان نئين ڄاول ٻار مٿان ميان محمود لاڪير، احمد نالو رکيو ۽ چيائين ته، اڳتي هلي ان نالي جي معنيٰ جو مٿس اثر ٿيندو ۽ واڪاڻيو ويندو. پوءِ ٿيو به ائين. اهو ٻار اڳتي هلي احمد خان مدهوش جي نالي سڄي سنڌ ۾ پنهنجي وڻندڙ شاعريءَ سبب مشهور ٿيو.

مدهوش جي وڏي فرزند ۽ سيبتي شاعر خليل عارف هڪڙي پيري ڳالهه ٻولهه دوران ٻڌايو ته: ”ڳوٺ سلطان چانڊيو ۾ 5 اپريل 1931 تي جنم وٺندڙ احمد خان مدهوش جو ڪٽنب زماني جي هيٺ مٿانهينءَ سبب ستت ئي اتان لڏي اچي جوهيءَ ۾ وينو ۽ هميشه لاءِ اتان جو ٿي ويو. جوهيءَ ۾ جڏهن پهريون ڀيرو پوسٽ جو نظام شروع ٿيو ته شغلي فقير، پهريون پوسٽ مين بڻيو. کيس هڪڙي گهوڙي ڏني وئي، جنهن تي چڙهي هو آسپاس جي علائقن ۾ ٽپال ورهائيندو هو.“

**احمد خان مدهوش پاڳوَند شاعر هو، جنهن جي شعرن کي شهر شهر، ڳوٺ، ڳوٺ مڃتا ملي. ريڊيو ۽ پي ٽي وي کان پوءِ جڏهن سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آيو ته سندس ڪلامن کي بيحد پسند ڪيو ويو ۽ انهن عوام ۾ مقبوليت ماڻي. قاضي احمد ۾ سائين بخش رند نالي هڪڙو ماڻهو سندس شاعريءَ جو حافظ پڻ هو. ان کي مدهوش صاحب جا ڇپيل سمورا ڪتاب ياد هئا. هو آڱرين سان ماچيس وڄائي، مدهوش جي شاعري آلاپيندو هو.**

احمد خان مدهوش پنهنجي تعليم مڪمل ڪري استاد طور پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. اها جوهي، جنهن جي تصوير ”ٻتين واري ناني“ ۾ اڪبر جسڪاڻيءَ چٽي هئي، ان جوهيءَ جي جرڪندڙ مٽيءَ کي مدهوش پنهنجن شعرن ۾ هن ريت ڳايو.

”ڪم ڪار جي سانگي سان جوهيءَ ۾ جڏهن ايندين،
هن شهر جي مٽي پي پيرن کي چميون ڏيندئي.“

احمد خان مدهوش جي ادبي سفر جي شروع ۾ سندس رهنما نجف شاهه لڪياري ۽ فيض بخشاپوري هئا. حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته فيض بخشاپوريءَ کي سندس مشڪل شاعري (عربي ۽ فارسي جي گهڻي واهپي) سبب، سندس حلقه احباب اندر ”سنڌ جو غالب“ چيو ويندو هو. ان جي ابتڙ مدهوش جي ڪلام کي ڏسجي ٿو ته هڪڙي خوشگوار حيرت ٿئي ٿي ته، سندس شاعريءَ جو گهڻو پاڱو بيحد عام فهم، عوامي ۽ ڪَن رَس سان ڀرپور آهي.

”ڪرين ٿو وار ڪولي وار، سؤ سؤ وار او سهڻا،
لڳا ٿم ڏنگ، انگ انگ ونگ، جنهن جو دنگ ئي ناهي.“

هيءُ سندس هڪڙو ٻيو مشهور غزل آهي:

”سامهون سڄڻ هجي ۽ نظر ۾ نظر هجي،
پنهنجي خبر هجي نه ڪي ٻئي جي خبر هجي.“

يا سندس مشهور زمانه گيت جا ٻول آهن:

”مان پڪي هان پيار جو
پيار جي اظهار جو_
ڏارجو، نه مارجو،
مون کي ڏارجو نه مارجو.“

يا ان جهڙا ڪيترائي شعر آهن، جن ۾ مدهوش پنهنجن پيشروئن کان مختلف آهي. هن جي دوَر ۾ ترقي پسند ۽ جميعت الشعراءَ وچ ۾ ٽڪراءَ عروج تي هو، پر ڏسجي ته ان ۾ ترقي پسند اديبن جو پُڙ ڳرو نظر اچي ٿو ۽ ان جو اثر ان وقت جي شاعرن مٿان واضح نظر اچي ٿو. رڳو دادو ضلعي کي ڏسجي ته ان ۾ اهڙا ڪوڙ شاعر هئا جن وٽ رڳو طرحي مشاعرن جو رواج هو، پر اڳتي هلي انهن سنڌي ادبي سنگت جي سٿ سان پاڻ کي سلهاڙيو، سفر ڪيو ۽ پنهنجا نقش ڇڏيا.

احمد خان مدهوش پاڳوَند شاعر هو، جنهن جي شعرن کي شهر شهر، ڳوٺ، ڳوٺ مڃتا ملي. ريڊيو ۽ پي ٽي وي کان پوءِ جڏهن سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آيو ته سندس ڪلامن کي بيحد پسند ڪيو ويو ۽ انهن عوام ۾ مقبوليت ماڻي. سندس لکيل گيتن سڌو ماڻهن جي دلين تي اثر ڪيو ۽ هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي ماڻهن ۾ مانُ ماڻيو.

سرائڪي، احمد خان مدهوش جي ماءُ ٻولي هئي، ان ڪري سرائڪي زبان ۾ به هن بيحد وڻندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ شعر لکيا.

”مين تي الائي ڪيا ٿي ويسان،
جنهن ويلي تيڏا ٿي ويسان.“

تون جي مِلسِين مل مل ڪلسِين،
قطري چون دريا ٿي ويسانَ.“

اهو قطري مان درياهه ٿيڻ وارو سفر درحقيقت عشق، ثابت قدمي ۽ مسلسل محنت جو سفر هو، جنهن ۾ مدهوش لڳاتار هلندو رهيو. هن لاءِ مشهور هو ته، هيءُ سڄيءَ سنڌ جي ادبي پروگرامن ۾ پهچندو هو. مون کي اڄ به ياد آهي ته وفات کان ڪجهه عرصو اڳ واهي پانڌيءَ ۾ هڪڙو پروگرام هو. مدهوش صاحب علالت باوجود سفر ڪري اتي پهتو. هڪڙي پيري مڃتا رسالي جي ايڊيٽر عابد سيوهاڻي ۽ سندس سٿ طرفان سيوهڻ ۾ تاج بلوچ سان رهاڻ رکيل هئي، پر تاج صاحب پنهنجي پاءُ جي وفات سبب اچي نه سگهيو. مشاعري ۾ مدهوش صاحب، منٺار سولنگيءَ سميت ڪوڙ شاعر هئا. سائين مدهوش ان پروگرام جي گهڻو ڪري صدارت ڪئي هئي. اسان ان وقت نوان لکندڙ هئاسين ۽ پنهنجي حال آهر شاعري پيش ڪئي سين. پروگرام ختم ٿيو ته سائين مدهوش پُني ٽپيندي داد ڏنو. ميهڙ ۾ جڏهن اسان وٽ ايندو هو ته اڳ ۾ راهي صاحب جي مزار تي ويندو هو.


سائين مدهوش جيئن پاڻ ٻين کي محبتون ۽ عزتون ڏيندو هو، موٽ ۾ کيس به اوتري ئي مڃتا ۽ محبت ملي. ايتري حد تائين جو قاضي احمد ۾ سائين بخش رند نالي هڪڙو ماڻهو سندس شاعريءَ جو حافظ پڻ هو. ان کي مدهوش صاحب جا ڇپيل سمورا ڪتاب ياد هئا. هو آڱرين سان ماچيس وڄائي، مدهوش جي شاعري آلاپيندو هو.

هڪڙي شاعر وٽ، سواءِ شعرن جي ٻيو ڇا هوندو آهي! هو پنهنجا لڙڪ ۽ پنهنجيون خوشيون لفظن جي صورت پيش ڪندو آهي ۽ سندس اهي احساس ماڻهن جي سينن ۾ سفر ڪندا آهن. اڄ به جوهيءَ جي مٽيءَ جو جتي به ذڪر ٿيندو آهي، انهن ۾ چند نشانبر نالن ۾ مدهوش جو نالو سڀ کان اول هوندو آهي.

”زماني مٿائڻ جي ڪوشش ڪئي پر
بقا تائين رستو ٻهاري ڇڏيو ٿم.“ ■




امتياز ابڙو




هڪڙي نوڪريءَ جي ٽيسٽ ۾ سوال آيو ته. ”سنڌ جو سڀ کان پهريون چور ڪير هو؟“
۽ انهي پيپر جي اڄا تائين رزلٽ ڪانه نڪتي آهي!
ملڪ ۾ چورن جا ايترا ته قسم آهن جو ايترا قسم چورن جا نه هئڻ گهرجن.
ڪرپشن به هڪ محنت آهي... ان ۾ ڪاميابي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ماڻهوءَ ۾ ڪتي جهڙي ڦُڙتائي، نانگ واري خاموشي، وڇونءَ جهڙي تيزي ۽ لومڙ جهڙي چالاڪي هجي!
بزدل ماڻهو چوريءَ جهڙي نعمت کان محروم هوندا آهن.
ناني چوندي هئي ته، ”هر چور جي اندر ۾ هڪڙو انسان هوندو آهي، جيڪو هُن کي چوري ڪرڻ لاءِ راضي ڪندو آهي!“
ڪجهه ڏينهن اڳ اسين هڪڙي مشهور چور کان انٽرويو ڪرڻ پهتاسين...
پڇيومانس، ”توهان چور ڪيئن ٿيئو؟“
چيائين، ”ننڍپڻ ۾ آئون ڪم چور هوندو هوس!“
پڇيومانس، ”چور ٿيڻ جو شوق توهان کي ڪڏهن ٿيو؟“
چيائين، ”شوق ته مون کي ننڍپڻ کان هو... پر اهو پورو تڏهن ٿيو، جڏهن آئون هڪڙي اداري جو ڊائريڪٽر ٿيس!“
پڇيومانس، ”توهان کي اها چوري ڪنهن سيکاري؟“
چيائين، ”حالتن!“
پڇيومانس، ”ڀلا...توهان جي پهرئين چوري ڪهڙي هئي؟“
چيائين، ”اسڪول ۾ منهنجي جيڪا ڪلاس فيلو هئي، آئون ان کي چوريءَ چوريءَ ڏسندو هوس!“
پڇيومانس، ”توهان جي بهترين چوري؟“
چيائين، ”اسان هڪڙي اليڪشن چوري ڪئي هئي!“
پڇيومانس، ”توهان جي سڀ کان آسان چوري ڪهڙي هئي؟“
چيائين، ”مون هڪڙي ڊاڪٽر جي ٽيسز چوري ڪئي هئي.“
چيم، ”پوءِ ته ڊاڪٽر ضرور ڪاوڙيو هوندو؟“
چيائين، ” نه، اها ڊاڪٽر جي خود چوري ڪيل هئي!“
پڇيومانس، ”ڀلا. اها چوري جنهن تي توهان کي فخر هجي؟“
چيائين، ”جڏهن شاگرد هوس ته مون هڪڙي سرڪاري لئبريءَ مان ايترا ڪتاب چوري ڪيا جو گهر ۾ منهنجي پنهنجي لئبرري ٺهي ويئي!“
پڇيومانس، ”توهان جو والد ڇا ڪندو آهي؟“
چيائين، ”اهو پاس ورڊ چوري ڪندو آهي!“
چيومانس، ”توهان نٿا سمجهو ته چوري هڪ خراب ڪم آهي؟“
چيائين، ”بلڪل به نه... اسان جي ملڪ ۾ صرف ڪجهه اڇين ردن جي ڪري هيتريون ڪاريون ردون بدنام آهن!“
پڇيم، ”ڀلا. توهان پنهنجي اولاد کي چور ڏسڻ چاهيو ٿا؟“
چيائين، ”دراصل...اسان جي ملڪ ۾ چور کي ڪير به پسند نٿو ڪري... پر سرڪاري نوڪري هرڪو ڪرڻ چاهي ٿو!“ ■

# اکين جي جاگرافيءَ ۾ پڪڙيل هڪ رڻ

نصير سومرو



منهنجي اکين جي جاگرافيءَ ۾ هڪ رڻ پڪڙيل آهي، جيڪو ڪنهن به نقشي تي موجود ناهي. اهو لفظن کان اڳ واري ٻولي ڳالهائي ٿو: اُها ٻولي، جنهن ۾ خاموشيءَ جا به پنهنجا لهجا آهن. واريءَ جي ڪڻ ڪڻ تي هڪ اڻڏٺل موجودگيءَ جو هلڪو پاڇو لهي ٿو. هر ذرڙو وسريل ساهه جي گرميءَ کي خوشبوءِ ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. هوا اڻپڙهيل ڪتاب وانگر پنهنجا ورق پاڻ اٿلائيندي رهي ٿي.
ڪڏهن لڳندو آهي، رڻ رڻ ناهي: ڪنهن اڻلکيل ياد جي اندرين سطح آهي، جتي وقت پنهنجا پير لاهي اگهاڙو هلندو آهي. واريءَ جا ذرڙا رڳو ذرڙا ناهن، پر بيشمار اکيون آهن، جيڪي آسمان جي چهري تي علامتن ۾ لکيل ڪنهن ازلي تحرير کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.



ائين ئي هڪ گهڙي، ماٺ جي ڏگهي لهر مان هڪ تنوار اڀري ٿي. اها پکيءَ جي به ٿي سگهي ٿي، خواب جي به، يا شايد خود واريءَ جي. آواز ايترو هلڪو هوندو آهي، جو ٻڌڻ کان اڳ ئي دل ان کي سڃاڻي وٺندي آهي.
اهو هوا ۾ ڪا خبر نه، پر هڪ ابهام ڇڏي ويندو آهي: اهڙو ابهام، جيڪو هر موڙ تي نئين معنيٰ سان ڦُٽي پوندو آهي.
لوڪ ڪيس تاڙو چون ٿا. ڪي ٻيا نالا به ڏين ٿا. پر نالا ته رڳو پاڇا آهن. اصل شيءِ اها تنوار آهي، جيڪا ڪنهن هڪ پکيءَ جي نه، پر سڄي ريگستان جي زبان لڳي ٿي. جڏهن اها لهر واريءَ تي پکڙجي ٿي، تڏهن ڌڙا به ڄڻ هڪ ٻئي کي سڏڻ لڳن ٿا. خاموشي پنهنجي ئي گونج ۾ ويڙهجي وڃي ٿي.

مون ڪيترائي ڀيرا واريءَ کي هٿن ۾ جهليو آهي. هر دفعي ائين لڳو، ڄڻ پراڻي ٻوليءَ جا اکر آڱرين مان وهي رهيا هجن. جڏهن انهن اکرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ته ريت ٻڏجي وڃن ٿا: جڏهن ريت کي آزاد ڪريان ٿو، ته وائي ٻڏجي هوا ۾ پکڙجي وڃن ٿا.

چئبو آهي ته اها تنوار مينهن کي سڏي ٿي، پر شايد مينهن ڪڏهن به ٻاهران نه ايندو آهي. شايد هر وسڪارو اڳ ئي واريءَ جي ذرڙي ذرڙي ۾ لڪل هوندو آهي، اها وائي رڳو ان کي جاڳائيندي آهي. جيئن خواب اکين ۾ نه، پر پلڪن جي پاڇي ۾ رهندا آهن، تيئن وسڪارو به ڪڪرن ۾ نه، پر انتظار جي اڻڄاتل رڳن ۾ وهندو آهي.
مون ڪيترائي ڀيرا واريءَ کي هٿن ۾ جهليو آهي. هر دفعي ائين لڳو، ڄڻ پراڻي ٻوليءَ جا اکر آڱرين مان وهي رهيا هجن. جڏهن انهن اکرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ته ريت ٻڏجي وڃن ٿا: جڏهن ريت کي آزاد ڪريان ٿو، ته وائي ٻڏجي هوا ۾ پکڙجي وڃن ٿا.
شايد واريءَ جي وائي رڳو آواز جو نالو نه آهي. اها اُن لمحي جو نالو آهي، جڏهن خاموشي پنهنجو چهرو بدلائي ٿي، رڻ خواب ڏسڻ لڳي ٿو، پاڇو آهستي آهستي انسان جي صورت اختيار ڪري ٿو. ■

# غزل صديق ”مارئي“جي ڪردار واري سڃاڻپ کان الڳ نہ ٿي سگهندي

سوپيا جمال

پاڪستاني ٽيليويزن جي تاريخ ۾ اهڙيون اداڪارائون تمام گهٽ آهن، جن پنهنجي چونڊ ڪم، سادگي، سونهن ۽ وقار جي ڪري ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو هجي. غزل صديق انهن ئي گهڻ رخين شخصيتن مان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڊرامن مان پنهنجي فن جي شروعات ڪندڙ هيءَ خوبصورت اداڪاره اڳتي هلي پوري پاڪستان جي سڃاڻپ بڻجي وئي.

غزل صديق پنهنجي فني سفر جي شروعات سنڌي ڊرامن سان ڪئي. جڏهن هوءَ پهريون ڀيرو سنڌي ڊراما سيريل ”ناٽڪ رنگ“ ۾ اسڪرين تي نظر آئي، تہ سندس معصوميت، سونهن ۽ سوپيا، ۽ پهرين ئي نظر ۾ موهي وجهندڙ اداڪاريءَ ناظرين کي پنهنجو مداح بڻائي ڇڏيو. پنهنجن اهڙن فني گڻن جي ڪري هن باصلاحيت ۽ حسين اداڪاره جي اداڪاري بعد ۾ رڳو سنڌ تائين محدود نہ رهي، پر پوري پاڪستان تائين پهتي ۽ نالو ۽ ناماچار ڪمايائين.

مقبول ترين هدايتڪاره سلطانہ صديقي غزل جي فن کي پرکي ورتو ۽ کيس پنهنجي شاهڪار اردو ڊرامي ”ماروي“ (1993ع) ۾ مرڪزي ڪردار (هيروئن) طور ڪاسٽ ڪيو.

اهو ڊرامو سنڌ جي مشهور لوڪ ڪهاڻي ”عمر مارئي“ جو جديد اردو روپ هو (جنهن جو اصل سنڌي ڊرامي ۾ مارئي جو يادگار ڪردار ناماياري اداڪاره سڪينہ سمون ادا ڪيو هو).

غزل صديق ان ڊرامي ۾ هڪ تعليم يافتہ ۽ باهمت ڀھراڙيءَ جي نياڻي جو ڪردار اهڙي تہ زبردست نموني نڀايو، جو ماڻهن کي لڳو تہ غزل سچ پچ ڪنهن ڳوٺ جي رهواسڻ آهي. جڏهن تہ حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ هئي. غزل ڪراچيءَ جي هڪ شهري خاندان سان تعلق رکندي هئي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ”ماروي“ ڊرامي کان اڳ هوءَ اداڪاريءَ کي الوداع چئي چڪي هئي، پر سلطانہ صديقيءَ جي گهڻي اصرار تي هن ان ڪردار لاءِ ها ڪئي. ان ڊرامي غزل صديق کي پوري ملڪ ۾ اها سڃاڻپ ڏني جو سالن تائين ماڻهو کيس سندس اصل نالي بدران ”ماروي“ جي نالي سان ئي سڃاڻيندا رهيا.

ميڊيا تي غزل جو چونڊ آهي تہ، کيس اداڪاريءَ کان وڌيڪ ميزباني (هوسٽنگ) پسند آهي. هن هم ٽي وي (Hum TV)تي مسلسل ٽن سالن تائين مارننگ شو جي ميزباني پڻ ڪئي. هن اداڪاريءَ سان گڏ ٿيئٽر اسٽيج تي بہ ڪم ڪيو ۽ پنهنجي موهيندڙ آواز ذريعي هڪ بهترين وائس اوور آرٽسٽ طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. يوٽيوب جي اچڻ ڪانپوءِ هاڻي غزل صديق يوٽيوبر بہ بڻجي وئي آهي. ميزبانيءَ جي شوق کي برقرار رکڻ لاءِ غزل صديق پنهنجو هڪ ذاتي يوٽيوب چينل (Ghazal Siddique)شروع ڪيو آهي، جنهن تي هن وقت 2 لکن جي ويجهو سبسڪرائبرز موجود آهن.



پنهنجي ڪيريئر جي اوج تي غزل صديق شادي ڪرڻ ڪانپوءِ شوبز انڊسٽري کان پرڀري ٿي وئي. ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ پنهنجي پٽ جي بهتر پرورش ۽ اعليٰ تعليم لاءِ هن 2008ع ۾ پاڪستان مان ڪئناڊا منتقل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. اٽڪل چوڏهن سال ملڪ کان ٻاهر رهڻ ڪانپوءِ جڏهن هوءَ 2022ع ۾ واپس آئي تہ هن پاڪستان ۾ ئي مستقل رهڻ جو فيصلو ڪيو.

ڊان نيوز 28 اپريل 2023ع تي غزل صديق جي شخصيت ۽ فني ڪئريئر بابت هڪ ليک شايع ڪيو هو، جنهن ۾ هڪ انٽرويو جو حوالو ڏيندي ڄاڻايو ويو هو تہ، غزل صديق پنهنجي شاديءَ بابت هڪ ڏاڍو دلچسپ قصو ٻڌائيندي چيو تہ: ”منهنجو مڙس منهنجي هڪ ساهيڙيءَ جو ڀاءُ هو. آءٌ کيس شروع ۾ ’ادا‘ چئي پڪاريندي هئس، ڇاڪاڻ تہ مان عام طور تي سڀني مردن کي ادب وچان ’ادا‘ ئي چوندي هيس. منهنجي مڙس مونکي ڪڏهن ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندي نہ ڏٺو هو، پر هڪ خانگي تقريب ۾ منهنجو ڳانو ٻڌي هو منهنجي ويجهو آيو.“

غزل موجب، کيس پنهنجي مڙس جي سڀ کان سٺي ڳالهہ اها لڳي تہ هو نہ صرف سندس پر هر عورت جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. سندس مڙس سلام ميمڻ جي پرڏيهہ مان پي ايچ ڊي ڪيل هئي.

غزل صديق جي خوبصورتي ۽ سندس عمر هميشہ مداحن لاءِ هڪ راز ۽ دلچسپيءَ جو مرڪز رهي آهي. مارننگ شوز ۾ اڪثر ماڻهو فون ڪري ڪانئس سندس عمر پڇندا آهن ۽ چوندا آهن تہ: ”اسان جا ماءُ-پيءُ توهان جا ڊراما ڏسي وڏا ٿيا ۽ اسان بہ توهان کي اڄ



تائين اوترو ئي جوان پيا ڏسون، آخر ان جو راز ڇا آهي؟“

غزل هميشہ ان سوال کي کلڻ ۾ ٽاري ڇڏيندي آهي، پر سندس چوڻ آهي تہ هوءَ پنهنجي صحت، بهترين غذا ۽ روزاني ورزش جو خاص خيال رکندي آهي.

اٽڪل 30 سالن ڪانپوءِ، غزل صديق 2023ع ۾ دانش نواز جي هدايتڪاريءَ ۾ ٺهيل هم ٽي وي جي رمضا اسپيشل اردو ڊرامي ”چاند تارا“ ذريعي هڪ ڀيرو ٻيهر اداڪاريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيو هو. ان ڊرامي ۾ هن ”سفيره“ (سفو) نالي هڪ سڀاجهي ۽ سادي ماءُ جو ڪردار نڀايو هو، جنهن کي ناظرين تمام گهڻو پسند ڪيو هو. ■



# ’اوهان غزل صديق جا کهڙا ڊراما ڏٺا ۽ سندس کهڙا ڪردار اوهان کي ياد آهن ؟‘

محترمہ غزل صديق سنڌي ۽ اردو ڊرامن جي مڃيل اداڪاره آهي. پنهنجي ملڪ سان گڏ دنيا جي انهن ملڪن ۾ پڻ سندس باوقار سڃاڻپ قائم آهي، جتي سنڌي آباد آهن. اڄوڪي فاصلاتي ڪچهريءَ ۾ پنهنجي محترم پڙهندڙن کان محترمہ غزل صديق جي فن بابت هڪ سوال پڇيو ويو، جيڪو هن طرح هئو:”اوهان محترمہ غزل صديق جا کهڙا ڊراما ڏٺا ۽ سندس کهڙا ڪردار اڃان به اوهان کي ياد آهن؟“ ان سوال جا جيڪي جواب آيا، انهن مان چوند جواب هتي ڏجن ٿا. ـ انچارج

## زيب سنڌي

ميڊم سلطانہ صديقي جو پي ٽي وي تي ناٽڪ رنگ ۾ پيش ڪيل مون کي غزل صديق جو اهو پهريون ڊرامو اڄ بہ ياد آهي، جنهن ۾ هن جو تمام مختصر ڪردار هو پر اهو منهنجي ذهن تي نقش ٿي ويو هو. ٻئي هفتي منهنجي لکيل سولو پلي ”سمجهوتو“ جي ڪاسٽنگ تي پروڊيوسر بيدل مسرور مون سان صلاح پئي ڪئي تہ مون غزل جو نالو ڪنيو. ميڊم سلطانہ صديقيءَ وسيلي غزل صديق سان رابطو ٿيو ۽ غزل صديق پهريون پيرو منهنجي ڊرامي ”سمجهوتو“ ۾ شفيع محمد شاهہ سان هيروئن طور ڪردار ادا ڪيو هو.

## الطاف ابڙو

غزل صديق جا سنڌي ناٽڪ ”سچ گرهڻ،“ ”مٽيءَ جا ماڻهو“ ۽ ”جياپو“ هڪ دور ۾ سنڌي ٽيليويزن ۽ اسٽيج جي سڃاڻپ بڻيل رهيا. اهي ناٽڪ وڏي شوق سان ڏسندو هئس، ڇوتہ انهن ۾ سنڌ جي سماجي مسئلن، انساني جذبن ۽ ثقافتي قدرن کي نهايت خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو ويو هو.

اڄ ڪاوش دنيا جي ’فاصلاتي ڪچهري‘ ۾ اهي يادون تازيون ٿي ويون آهن. ڪيترن ئي اداڪارن جا چهرا اڄ بہ ذهن ۾ تازي تصوير وانگر موجود آهن. پر افسوس جو وقت جي وڇوٽين سبب ڪجھ ڊرامن جي ڪردارن ۽ فنڪارن جا نالا هاڻي ياد نٿا اچن. تنهن هوندي بہ انهن ناٽڪن جو فن، اداڪاري ۽ اثر اڄ بہ دل تي نقش آهي. اهڙيون ڪچهريون اسان کي پنهنجي شاندار سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۽ انهن امر فنڪارن کي ٻيهر ياد ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون.

## قاسم خاصخيلي

غزل صديق ماضيءَ جي اها پختي اداڪاره هئي، جنهن کان سواءِ سنڌي ڊرامو ڄڻ اڌورو محسوس ٿيندو هو. سندس ڪوڙ سارا يادگار ڊراما آهن. سندس صاف سنڌي اچار ۽ لهجو تمام خوبصورت هوندو هو. اڄ بہ ماڻهو سندس اداڪاريءَ کي ياد ڪن ٿا، جيڪو پروفيشن سان سندس سچائيءَ جو وڏو ثبوت آهي.

## هالار ياسين آرائين

**ڦلجي اسٽيشن**

غزل صديق پاڪستان ٽيليويزن جي انهن ناليوارين اداڪارائن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي سادگي ۽ فطري اداڪاريءَ سان ڏسندڙن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ جاءِ ٺاهي آهي. سندس شاندار ڊرامو ”ماروي“ اڄ بہ پاڪستان جي ڊرامي جي تاريخ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ هن هڪ بهادر ۽ خوددار ٻهراڙي جي ڇوڪريءَ جو ڪردار انتهائي سچائي ۽ احساس سان نڀايو هو. اها ناانصافين ۽ طاقتور ماڻهن جي دٻاءَ آڏو بہ پنهنجي عزت ۽ سڃاڻپ تي سوديبازي نٿي ڪري. غزل صديق جي ان لازوال اداڪاريءَ ماروءَ جي ڪردار کي امر بڻائي ڇڏيو.

سندس ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما جهڙوڪ ”سچ گرهڻ،“ ”آئينو“ ۽ ”مٽي جا ماڻهو“ وغيره پڻ سندس شاندار اداڪاريءَ جو هڪ مضبوط حوالو آهن. اڄڪلهہ هوءَ ميڊيا تي گهٽ نظر اچي ٿي، پر سندس فن ۽ خاص طور ”ماروي“ ڊرامي ۾ ڪيل سندس اداڪاري کيس هميشہ پاڪستاني ڊرامي جي بهترين اداڪارائن ۾ شمار ڪرائيندي رهندي.

## شبير حسين پوٽ

پي ٽي وي جا سنڌي ڊراما اسان جي ثقافت، رسمن، ۽ ٻوليءَ جي مٺاڻ جي عڪاسي ڪندا هئا. ان وقت جي ڊائلاگ ڊليوري ۾ جيڪو سوز ۽ گهرائي هوندي هئي، ان جو مقابلو اڄ جي تڪڙي ۽ بناوٽي اداڪاريءَ سان ممڪن ناهي. انهن ڊرامن ۾ ٻهراڙي زندگي، سماجي مسئلن، ۽ انساني جذبن کي ايڏي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو ويندو هو جو ڏسندڙ پاڻ کي ان ڪهاڻيءَ جو حصو سمجهڻ لڳندو هو.

سنڌي ڊرامن جي پويان اڪثر وڏن اديبن ۽ شاعرن جو هٿ هوندو هو، جنهن ڪري اسڪرپٽ ايترو طاقتور هوندو هو جو اداڪارن کي صرف پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻو پوندو هو. اڄ ”ڪاوش دنيا“ جي ”فاصلاتي ڪچهري“ ۾ ماضيءَ جي خوبصورت ۽ سدا بهار اداڪاره، ادي غزل صديق جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ادي غزل صديق ڪافي اردو ۽ سنڌي ڊرامن م ڪم ڪيو، پر مون کي سندس ڊراما ”مٽي جا ماڻهو“ ۽ ”آئينو“ تمام گهڻا پسند آهن.

## اشفاق رفيق

مون غزل صديق جا ڊراما ”سچ گرهڻ،“ ”مٽيءَ جا ماڻهو،“ ”جياپو“ ۽ ”ماروي“ ڏٺا، جيڪي اڄ بہ ياد آهن.

## آفتاب احمد

**شڪارپور**

سانئڻ غزل جو شاندار ڊرامو ”جياپو“ هو، جنهن ۾ سندس ڪردار زبردست هو. جيڪو پنهنجي دور جو شاهڪار ڊرامو هو. ان ۾ سندس ڪردار ۽ مڪالما لڱ ڪانڊاريندڙ هئا. غزل کي ان دور جي وڏيرا شاهيءَ جي خلاف بغاوت ڪندڙ ناري ڪري پيش ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هن ڦوهہ جواني، معصوم چهري ۽ باغي ڪردار سبب ڪافي مشهوري ماڻي، پر ڪِن سببن سبب پوءِ اسڪرين تان هٽي ويئي، جڏهن واپس آئي تہ کيس نہ اهڙا ڪردار ملي سگهيا، نہ اها جواني، نہ ئي ان ٿهيءَ جا ڏسندڙ ۽ نہ ئي اهو دور رهيو.

## راحت نياز پٿو

مون کي سندس ڊرامو ”آئينو“ پسند آهي.

## ممتاز ڪنڀر

**عمرڪوٽ**

غزل صديق سنڌي ڊرامن ۾ مک ڪردار ڪيا آهن. سندس ڪردار ۾ پختگي ۽ مظلوم عورت واري ڪردار ۾ تہ وڏي مضبوطي نظر آئي آهي. لفظن جي سندس ادائگي، ڊرامي ”ڏيڻ“ ۽ ناٽڪ رنگ جي سلسلن ۾ ڪمال جي نظر ايندي هئي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ غزل صديق، اردو ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو. هوءَ خوبصورت اداڪاره پڻ آهي، جنهن جا دنيا ۾ لکين مداح آهن. ■

## ڪتاب: ماءُ، ڌرتي ۽ تون (ڪهاڻيون) - ليکڪ: جاويد عباسي

# چوٽيهه ڪهاڻيون

طارق عزيز شيخ



جاويد عباسي سائنس ۽ ٻاراڻي ادب کان لکڻ جي شروعات ڪئي. هر ٻوليءَ جي ادب ۾ اهي ٻئي موضوع وڏيڪ لکجن ۽ ترجمو ٿين ٿا. پر اسان وٽ اهي گهٽ لکجن يا ترجمو ٿين ٿا. عباسي صاحب 1980ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن حيدرآباد مان هڪ پندرنهن وار مئگزين ۾ سائنس جو صفحو سنڀاليندو هو، تڏهن ٻاراڻي ادب ۽ سائنس جي موضوعن تي لکيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ وري فڪشن لکڻ جي شروع ڪيائين. سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. ڪيس پذيرائي ملي ته وڌيڪ ڪهاڻيون لکيائين. هُن ڊگهي عرصي ۾ چاليهارو کن ڪهاڻيون لکيون. جيتوڻيڪ هيءُ وقفي وقفي سان ڪهاڻيون لکندو رهيو، پر جيڪا به ڪهاڻي لکيائين، تنهن ۾ سچ کي افسانوي انداز ڏنائين.

جاويد عباسيءَ جو ويجهڙائي ۾ ڪتاب "ماءُ، ڌرتي ۽ تون" مرڪ پبليڪيشن شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ 34 ڪهاڻيون آهن. اهي هينئر تائين لکيل ۽ مليل سندس ڪُل ڪهاڻيون آهن، جو سندس باقي ڪهاڻين جو ريڪارڊ وٽس موجود ناهي، انڪري اهي مجموعي ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويون.

عباسي صاحب جون ڪهاڻيون عام ماڻهوءَ جون ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي معاشري جا جيئندا جاڳندا ڪردار آهن، جن کي هن فرضي بڻائي پيش ڪيو آهي. مون جڏهن اهي ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون، تڏهن هڪ پنيان ٻي ڪهاڻي ڪنهن ڏٺل وائٺل گهر جي ڪهاڻي، ڪنهن اداري ۾ ڪم ڪندڙ دوست جي يا پاڙي جي ڪنهن ڄاتل سڃاتل ڪردار جي لڳي.

جاويد عباسي مختصر ڪهاڻي ۾ وڏي ڳالهه ڪري وڃي ٿو. جڻ هُو جمال ابڙي صاحب کان متاثر هجي. سندس ڪهاڻيون موضوعن کان وٺي مڪالمن ۽ منظر نگاري تائين فني لحاظ پختيون لڳن ٿيون.

"دير نه ٿئي" تاثراتي ڪهاڻي آهي، جنهن پوليو جهڙو اهم معاملو اٿاريو ويو آهي، ۽ لکيو آهي ته، ان بيماري سبب خانڻ جو ٻارڙو ٽنگن کان معذور ٿي ويو آهي. هُو سندس علاج لاءِ اسپتالن ۾ ڌڪندو رهي ٿو. آخرڪار سندس سڀ ڪوششون ضايع ٿي وڃن ٿيون. چاڪاڻ جو جنهن ننڍڙي ڄمار ۾ ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پيارڻا هوندا آهن، تڏهن هن پوليو ٽيم کي منع ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري ٻار معذور بڻجي ويو. ڪهاڻي جو ڪلائيميڪس ڏاڍو سٺو آهي. جڏهن ڳوٺ ۾ پوليو ٽيم مهم دوران سندس در تي پهچي ٿي ۽ خانڻ کان پڇيو وڃي ٿو ته، "پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارو ٻار آهي ته ڪٿي اچو." تڏهن هو جواب ڏئي ٿو: "دير ٿي وئي."

"علينا" هن مجموعي جي اها ڪهاڻي آهي، جنهن معاشري جي تلخ حقيقت کي عيان ڪيو آهي. اسان اخبارن ۾ روز ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ ٻارڙيءَ سان زيادتي جي خبر پڙهون ٿا. اڄڪلهه اهو ظلم تمام گهڻو وڌي ويو آهي، جڏهن ته ڏوهاري سوگها به ٿين ٿا، پوءِ به ٻارڙن سان جنسي درندگي جاري آهي. "علينا" به اهڙو ڪردار آهي، جنهن ڏاڍائي ٿئي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نشاندهي اها به ڪئي وئي آهي ته والدين ٻارن جي حوالي سان غفلت ڪن ٿا، جڏهن ته ڪين هر وقت مٿن ڪڙي نگاهه رکڻ گهرجي. اهڙي طرح ڪهاڻي "شمي" اسان جي معاشري ۾ ڪارو ڪاري واري پکڙيل جهالت تي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ رومانوي عنصر به ملي ٿو.

جاويد عباسي جي ڪهاڻين جي هڪ خوبي اها به آهي ته هو ماحول جي عڪاسي ڏاڍي بهترين ڪري ٿو. ڪهاڻي پڙهندي ڄڻ سڀ ڪجهه سامهون پيو ڏسجي، جيئن ڪهاڻي "امان مون کي نه پرڻاءِ" ۾ بيان ٿيل آهي.


"سوچن جي ٽياس تي ٽنگيل هڪ شخص" اهڙي مايوس ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پنهنجي ناڪامين کان پوءِ دنيا جي ڪنهن ڳالهه سان ڄڻ ڪو تعلق ناهي.

جاويد عباسي کي آئون سماج جو عڪاس سڏيان ٿو. سندس هر ڪهاڻي، ڪهڙي به موضوع تي لکيل هجي، ان ۾ سماجي پهلو لازمي شامل هوندو آهي. "منهنجي ٻيڙي" ڪهاڻي سماج جي هڪ ڌتڙيل مجبور فقيرياڻي جي ڪردار بابت آهي، جنهن جي وجود کان هر ڪو بيزار هوندو آهي، پر ڪهاڻيءَ جو هيرو ان ٻيڙيءَ سان هميشه همدردي ڪندو آهي، اها ڪيس پنهنجي ماءُ جيان لڳندي آهي. اها پوڙهي عورت فقط پينو ناهي، پر هڪ مجبور ۽ ضرورتمند آهي، جيڪا هر ڪنهن کان ڇڙٻون کائڻ کان پوءِ به اچڻ بند نٿي ڪري.

ڪهاڻي "ڪنيجي ويو" وري شاگرد سياست جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ شريف ۽ پاڙهو ڇوڪرو سياسي دوستن سان صحبت جي ڪري مارجي وڃي ٿو. اها هڪ تاثراتي ڪهاڻي آهي، جيڪا غريب والدين جي آس بڻيل پٽ جي يونيورسٽي مان پڙهڻ بعد نوڪريءَ ملڻ تي پنهنجون اُميدون قائم ڪيو ويٺا آهن.

"درد جي نه پڇاڻي آ" هڪڙي ٽيوشن سينٽر جي خوش اخلاق ۽ خدمت ڪندڙ پٽيوالي بابت آهي، جيڪو غربت سبب علاج ڪرائڻ کان قاصر هو. ان سان سينٽر جي مالڪ کان وٺي پڙهائڻ وارن استادن جو رويو، رُکو ۽ تکو هوندو هو. فقط هڪ استاد سندس احساس ڪري ٿو ۽ سندس بيماري واري حالت ۾ ساڻس همدردي ڪري ٿو. آخر ۾ پٽيوالو انهيءَ حال ۾ گذاري وڃي ٿو، پر ڪنهن تي ڪو به فرق نٿو پوي. هُن جون خدمتون ڪنهن کي به ياد نٿيون اچن.

جاويد عباسي جي مجموعي جون باقي ڪهاڻيون به سماج مان ڪنيل آهن. ڪهاڻيڪار کي جنهن واقعي ۽ ڪردار متاثر ڪيو آهي، ان کي هن افسانوي رنگ ۾ ڏيڪاريو آهي. ڪنهن به ڪهاڻيءَ کي سگهارو ڪرڻ لاءِ سچ جو هٿيار ڪيئن استعمال ڪجي، اهو ڪهاڻيڪار جي فن جو ڪمال آهي. جاويد عباسيءَ به ڪهاڻين ۾ سچ کي هٿيار بڻايو آهي ۽ حقيقت جي عڪاسي ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو سنڌي ادب ۾ سٺو اضافو آهي. اميد آهي ته ادب سان لڳاءُ رکندڙ دوستن کي هيءُ ڪتاب ضرور پسند ايندو. ■




## ڪتاب: لکيءَ جا ست گل (گڏيل شاعري) - سهيڙيندڙ: جيئند مهر

# ست شاعر

ناشاد شوڪت شنباڻي



سنڌي ادب ۾ گڏيل شاعريءَ جا ڪتاب سهيڙي شايع ڪرائڻ جي روايت ڪا نئين نه، پر ڪيئي ورهيه پراڻي آهي. اياز گل ۽ تاج جوئي جي شاعريءَ جو گڏيل ڪتاب "سوچون سرها گل" ان جو هڪ وڏو ثبوت آهي، جيڪو 1970ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ شايع ٿيو هو. حقيقت اها آهي ته گڏيل شاعريءَ جا مجموعا سهيڙڻ هڪ ڏکيو ۽ جاکوڙي ڪم آهي، پر ان جو وڏو فائدو اهو ٿئي ٿو ته ان سان نون توڙي پراڻن شاعرن کي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي وڏي خرچ ۽ بار کان بچائي وڃجي ٿو. نوجوان شاعر جيئند علي مهر تازو شاعريءَ جو گڏيل مجموعو "لکيءَ لک اپايا" مرتب ڪري پڙهندڙن کي هڪ خوبصورت شاعريءَ جو گلدستو تحفي ۾ ڏنو آهي.

هن ڪتاب ۾ ستن شاعرن جي شاعري ڏنل آهي، جن ۾ قمرالدين ڪوسو، پناڻ فقير مهر، پريمي وقار مهر، اشرف علي مهر، مهر عبيد، عرض محمد ابڙو ۽ هن ڪتاب جو مرتب (جيئند علي مهر) شامل آهن. ڪتاب جو مهاڳ نامياري شاعر ۽ پروڊيوسر ڪوثر ٻرڙي، ۽ ڪتاب جو بيڪ ٽائٽل ڊاڪٽر مهر خادم لکيو آهي.

قمرالدين ڪوسو سنڌي شاعريءَ جو پراڻو نالو آهي، جنهن جي شاعري ڪيترن ئي دورن کان سفر ڪري آئي آهي. سندس شعرن ۾ معاشري جي بگڙيل چهري کي وائکو ڪرڻ سان گڏ رومانيت ۽ مزاحمت شامل آهي. سندس هي شعر پڙهو:

"جدا جنهن به جالي سڄڻ کي ڏنو آ
انهيءَ ڄڻ ڏٺي آ قيامت اکين سان."

سماجي وارداتن ۽ پيار جي ڳالهه اظهارڻ جو فن جن شاعرن وٽ سٺي نموني موجود آهي، انهن ۾ پناڻ فقير مهر کي به شامل ڪري سگهجي ٿو. هيءُ خاص ڪري ڪلاسيڪي ۽ ٺيٺ سنڌي صنف 'ڪافي' ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ٿو، جيئن هتي اظهاري ٿو:

"ڇڏي تڪرار تيزايون رهن يائر سيئي بڻجي،
قبيلا ۽ ڪلئي ذاتيون، ٿين رکوال سڀ سنڌ جا."

پريمي وقار مهر وٽ منظرنگاري سميت وائي توڙي غزل ۾ نوان رنگ رچيل آهن، جن ۾ معنيٰ خيزي به آهي، ته رواني به، خاص ڪري وائي ۾ پريمي وقار سٺي انداز سان اڳتي وڌي رهيو آهي:

"ٽاريءَ ٽاڙيءَ چنبڙي
جهرڪيون ڪائن جهوٽا
مير واهه ڪپ تي."

اشرف علي مهر جي شاعري پڻ ڪيس پڙهي داد ڏيڻ کان سواءِ نه ٿو رهي سگهجي. وائي ۽ غزل جي هر سٽ ۾ هو پنهنجي محبوب کان پيار جي برسات ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

"ڪنهن گلابي پنکڙي
کي چمي مون تي ڪيراءِ
پيار جي برسات ڪر."

مهر عبيد جي شاعري مختصر هئڻ سبب وڌيڪ وڻندڙ آهي. گهڻي ڊيگهه کان پاسو ڪندي شاعر چند لفظن ۾ پنهنجو سمورو خيال پيش ڪري وڃي ٿو، جيڪا هڪ تمام وڏي خوبي آهي:

"زندگيءَ کان دور ٿيندو ٿو وڃان،
ڪيترو مجبور ٿيندو ٿو وڃان."


عرض محمد ابڙو جي شعرن ۾ خماريل نيڻن ۽ ديواني دل جو ذڪر ملي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ وزن جي پختگي سان گڏ سٺا خيال سمايل آهن، خاص ڪري غزل سان هن سٺي انداز سان نڀايو آهي.

"جهڙا نيڻ خماريل تنهنجا
تهڙا وار سنواريل تنهنجا."

هن ڪتاب جو مرتب ۽ شاعر جيئند مهر وائي ۽ نثري نظم جو تمام پختو شاعر آهي. سندس واين تي مشتمل ڪتاب "اوسيئڙي ۾ شام" پڻ ڇپيل آهي. هن جي شاعري نه رڳو اندر جي اڌمن جو آواز آهي، پر سماجي درد ڪٿا جو پڻ هڪ روپ آهي.

"زندگي ڏينهن ٻٽي
جهيڙا جهڳڙا ڪاوڙ ڇا لئه."

لکيءَ جي پراڻن توڙي نون شاعرن جي شاعريءَ جو گلدستو پڙهندڙن تائين پهچائڻ تي جيئند علي مهر ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. ■



# جارجيا ميوزيم آف آرٽ ۾
# هڪ مجسمي سان مڪالمو









تاشفين رضوان

آمريڪا جي رياست جارجيا جي شهر اٿينس ۾ واقع "جارجيا ميوزيم آف آرٽ" ۾ جڏهن منهنجي نظر هڪ عورت جي مجسمي تي پئي، تہ ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس اکيون مسلسل منهنجو تعاقب ڪري رهيون هجن. مان آهستي آهستي سندس ويجهو ويس ۽ سرگوشي ڪندي چيم: "تون مون ڏانهن ايتري غور سان ڇو نهاري رهي آهين؟ ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿي؟ يا منهنجي موجودگي توکي بيچين ڪري رهي آهي؟"

مجسمو خاموش رهيو.

مان مُرڪيس ۽ وري چيم: "ڇا توکي خبر آهي تہ مان بہ هڪ مجسمہ ساز آهيان؟ جيڪڏهن مان توکي تراشيان، تہ رڳو تنهنجو چهرو نہ، پر تنهنجي تاريخ بہ پٿر تي اُڪيري ڇڏيندس؛ اها تاريخ، جيڪا صدين کان سنگِ مرمر جي چادر هيٺ لڪائي وئي آهي."

مون وري سوال ڪيو: "ڇا توکي اهو زمانو ياد آهي، جڏهن تنهنجن حڪمرانن اسان جي ڌرتيءَ تي راڄ ڪيو هو؟ اسان جا وسيلا ڦريا هئا، اسان جي تهذيب کي مسخ ڪيو هو، ۽ پوءِ پاڻ کي ئي تهذيب جو معيار قرار ڏنو؟"

پوءِ مون پاڻ ئي جواب ڏنو: "تاريخ ڪڏهن بہ نٿي مري؛ اها رڳو ڪجھ وقت لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿي."

مون سندس اکين ۾ نهاريندي چيو: "ٻڌاءِ، جڏهن تنهنجا ابا ڏاڏا غارن ۽ جهنگلن ۾ رهندا هئا، تڏهن موهن جي دڙي ۾ سڏيون گهٽيون، پاڻيءَ جي نيڪال جو منظم نظام، شهري رٿابندي ۽ مصر توڙي بين النهرين (Mesopotamia)تائين واپاري رستا موجود هئا. ڇا توکي اها خبر آهي؟" "ڇا توکي خبر آهي تہ نالندا جهڙي عظيم درسگاهہ ۾ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان ماڻهو علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا؟"

مون سندس اکين ۾ نهاريندي چيو: "ٻڌاءِ، جڏهن تنهنجا ابا ڏاڏا غارن ۽ جهنگلن ۾ رهندا هئا، تڏهن موهن جي دڙي ۾ سڏيون گهٽيون، پاڻيءَ جي نيڪال جو منظم نظام، شهري رٿابندي ۽ مصر توڙي بين النهرين (Mesopotamia)تائين واپاري رستا موجود هئا. ڇا توکي اها خبر آهي؟" "ڇا توکي خبر آهي تہ نالندا جهڙي عظيم درسگاهہ ۾ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان ماڻهو علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا؟"

"پوءِ اسان کي غير مهذب ڪنهن چيو؟ تهذيب جو معيار پاڻ کي ڪنهن سمجهيو؟ تاريخ ڪنهن لکي؟ فاتح... يا سچ؟"

ڪجھ گهڙيون مان خاموش رهيس، پوءِ نرم لهجي ۾ چيم: "اڄ مان تنهنجي سامهون ڪنهن سلطنت جو سپاهي بڻجي نہ آيو آهيان. پر مان هڪ آرٽسٽ آهيان. منهنجي هٿ ۾ نہ تلوار آهي، نہ بندوق؛ منهنجي هٿ ۾ ڇيڻي، برش ۽ تخليق جي سگھہ آهي. مان پاڻ پرکڻ آيو آهيان تہ فن ڪنهن هڪ ملڪ يا سرحد جو نہ، پر عالمي انساني جذبن جو ترجمان آهي."

هاڻي مون آخري سوال ڪيو: "ٻڌاءِ... وڌيڪ طاقتور ڪير آهي؟ وقت يا اقتدار؟"

مجسمو اڃا بہ خاموش رهيو.

مان مُرڪندي اتان هليو ويس، ۽ دل ئي دل ۾ چيم: "تون پنهنجي چند صدين جي فني روايت تي فخر ڪري سگهين ٿو، پر مان ست هزار سالن کان بہ وڌيڪ قديم سنڌوماٿريءَ جي تهذيبي ورثي جو وارث آهيان. منهنجي سڃاڻپ نوآبادياتي تاريخ نہ، پر موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ سنڌو ماٿريءَ جي اُن لازوال روح سان آهي، جيڪا اڄ بہ مٽيءَ ۽ منهنجي فن ۾ ساهہ کڻي رهي آهي." ■

# پارومل امراڻي جي شاعري



## غزل

لنوي ٿو ڪانگ ڪالهونڪر، مون کي محبوب ساري ٿو
وڄن ٿا دل دکي جا در، مون کي محبوب ساري ٿو

اڙي او مينهنڙا اڪثر وسين ٿو مند پنهنجي تي
وسايا نيڻ مون هر هر ، مون کي محبوب ساري ٿو

پرين جي پار ڏي پهچڻ رهيو وس نہ منهنجي،
گهُريون دعائون اٿم اڪثر مون کي محبوب ساري ٿو

پڪا اهڃاڻ ٿو پائان تصور ۾ پرين آيو
هلان ٿو يار هاڻي گهر مون کي محبوب ساري ٿو
مزوري من ملي مون کي ڪمايان پيٽ ۽ پاڙو
وڃي ٿي شهر ۾ ٻڌتر مون کي محبوب ساري ٿو

محبت ۾ اميدن جو سفر جاري اڃان آهي
هجي پارو سدا هو پر، مون کي محبوب ساري ٿو.

❊

هو اڄ بہ حَسين آهي، منهنجي ذات جي آئيني ۾
خود عشق امين آهي، منهنجي ذات جي آئيني ۾

ڪنهن پل تي چنڊ لڳي ڪنهن پل تي سمنڊ لڳي
ڪنهن پل ۾ زمين آهي منهنجي ذات جي آئيني ۾

هو پنهجي حرڪت ۾، هو پنهجي محبت ۾
ڪيڏي نہ ذهين آهي، منهنجي ذات جي آئيني ۾

هو دل جي فقير آهي، الفت جي امير آهي
هن جو هر يقين آهي منهنجي ذات جي آئيني ۾

❊

نينهن سان نبرون نئين سوچ آڻيون
تو ڪان وسرون نئين سوچ آڻيون

منافق زمانو رهيو ئي رهيو آ
ڪنهن سان وندرون نئين سوچ آڻيون

ڇُڳي ڪيئن سگهبو ماري جي هٿ تي
ڪڏهن اڏرون نئين سوچ آڻيون

اڏ موت ٿيو آ محرومي ۾
تن من سڌرون نيئن سوچ آڻيون

رسمن ۾ جڪڙي جيئون ٿا جانان
ٻاهر نڪرون نئين سوچ آڻيون

ڪڏهن ٺار ٺرندي، اتر واءُ لڳندو
سر تي نسرون نئين سوچ آڻيون.

❊

اوهان پيار پنهنجا هزارن ۾ آندا
اسان لڙڪ پنهنجا قطارن ۾ آندا

اوهان جو تصور جڏهن آيو سامهون
اسان ذهن پنهنجا قرارن ۾ آندا

اوهان جي مرڪن جا ميڙي موتي
اسان بہ پروئي هارن ۾ آندا

اوهين ڪو نہ آيا سو ڪو نہ آيا
اسان وِيتي اڃا وارن ۾ آندا

اوهان پيِ دنيا وانگي سمجهيو ديوانو
اسان خيال انوکا اڏارن ۾ آندا

اوهان آگم جي اچڻ سان اڃو من
اسان مينهن ماما ولهارن ۾ آندا

❊

ٻانهن مروڙي ويهہ ڇيو تو
ڪو نہ ڪتو آ ڏيهہ ڇيو تو

پنهنجا آهيون پنهنجن سان ئي
ڪو نہ ڪبو آ ڇيهہ ڇيو تو

آس جيئڻ جي پوءِ بہ رهي ٿي
دامن آهي ڪيهہ ڇيو تو

پيار پتل جو لوٽو ناهي
ڪو نہ ڏبو آ ريهہ ڇيو تو

تون بہ مڪاني مان بہ مڪاني
پنهنجي هڪڙي ديهہ ڇيو تو
■

# گولڊن پويلين ۽ ٻيا تاريخي ماڳ گهمياسين

قربان منگي

اڄ 30 مارچ 2026ع تي اسان کي ڪيوٽو وڃڻو هو ۽ ڏسڻو هيو "گولڊن پويلين" جيڪو پنجتيهه سالَ اڳ ڏٺل، منهنجي تصور ۾ ڦري رهيو هيو. "گولڊن پويلين" ڏانهن سفر ۾ اسان جو سونهون شباب حيدر هيو. اسان صبح ساڻ اٿي تياري ورتي. شباب حيدر به اڄي ويو. پويلين ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻه رستا هئا. هڪڙا شهر مان نڪرندڙ پراڻا رستا ۽ ٻيو نئون ٺهيل هاءِ وي. هاءِ وي ويڪرو به هُيو ۽ گهٽ فاصلي وارو به هيو، پر ان تي ٽول ٽيڪس پرڻي پئي پوي. اسان شباب سان صلاح ڪئي ته، پراڻي عام رستي سان هلجي، ان سان هِڪُ ته ڳرا ٽول ٽيڪس به بچي پوندا ۽ ٻيو ته ان رستي سان مختلف شهر، واهڻ ۽ ماڳ مڪان به ڏسندا وائسندا هلنداسون. شباب انهيءَ تي راضي ٿيو. اسان جو سفر شروع ٿيو. رستي ۾ جاپان جا مختلف گهٽ گهمندي گهمندي "گولڊن پويلين" پهتاسون. "گولڊ پويلين" ساڳي ئي آب تاب سان بيٺو هو. هزارين ملڪي ۽ غير ملڪي سياح لڪل هيا. ٽڪيٽ تي داخلا هئي. مون ڏٺو ته ڪجهه غير ملڪي عورتن ڪي پڻ جاپان جو ثقافتي لباس "ڪمونو" پاتل هيو، بلڪل ائين جيئن اسان وٽ ٻاهريان (انگريز) ايندا آهن ته اجرڪ ۽ ٽوپي پائيندي خوشي محسوس ڪندا آهن.

"گولڊن پويلين" جي ٽڪيٽ 500 يان (پاڪستاني 925 روپيا) هئي. اسان ٽڪيٽون ورتيون، پر شباب پنهنجي ٽڪيٽ جا پئسا پاڻ پريا. "پويلين" جي چوڌاري رش لڳي پئي هئي. ماڻهو فوٽوگرافي ڪري رهيا هئا ۽ وڊيوز پيري رهيا هئا. هتي ئي اسان کي بينگلور (انڊيا) جا پيءُ ۽ ڌيءَ مليا. اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. اسان سان تصوير به ڪدرايائون. ٿورو اڳتي پوٽان جا زالَ مڙس مليا، جيڪي جاپان جي ثقافتي لباس ۾ هيا. هتي ڪافي سوونيئر شاپس به هيا، پر ڏاڍا مهانگا هئا.

"گولڊن پويلين" جو رنگ سونهري هيو ۽ ٽن منزلن تي مشتمل هيو. هي جاپاني آرڪيٽيڪچر جو شاهڪار آهي. گرائونڊ فلور کي "شِنڊن ذڪوري" (Shinden-Zukuri)سڏيو وڃي ٿو. جيڪو رهائشي محل جو ڏيک ڏيندو آهي، پهرين ماڙ بوڪ ذڪوري (Buke-Zukuri)درٻار جي طرز تي ٺهيل آهي، جڏهن ته ٻي ماڙ (ٽاپ فلور) ڪُڪيو_ چُو (Kukkyo – Cho)ٽيمپل





جو ڏيک ڏيندو آهي. برف باريءَ جي موسم ۾ ٽاپ فلور جي ڇت برف سان ڍڪجي ويندي آهي. هتي موَڪَل وارن ڏهاڙن ۽ مذهبي ڏهاڙن تي تمام گهڻي رش ٿيندي آهي.

"گولڊن پويلين" جو اصل نالو ڪِنڪاڪو_جي (Kinkaku-Ji)آهي. 1220ع ڌاران هيءَ عمارت جاپاني شهنشاهه ڪنسٽون سائونجي (Kintsune Saionji)جي رهائش گاهه هئي. 1309ع ۾ يوشيميتسو (Yoshimitsu)هن ان کي وڌيڪ خوبصورت بنائڻ لاءِ ڪم ڪرايو. سنڌس وفات کان پوءِ ان عمارت کي عام مندر ۾ تبديل ڪيو ويو. حيرت جي ڳالهه آهي ته ان زماني



جون ڪيترين ئي قديم عمارتون کنڊرن ۾ تبديل ٿي ويون، پر هيءَ عمارت اڄ به قائم قائم آهي ۽ ان جي سونهن ۽ تاريخي قدامت جا رنگ برقرار آهن. سنڌس مرمت به اهڙي انداز سان ڪئي ٿي وڃي، جيئن سنڌس اصل خوبصورتيءَ سجاڳپ برقرار رهي.

"گولڊن پويلين" جي آس پاس تلاءُ ڦهليو پيو هو، جنهن جو نالو ڪيوڪوچي (Kyoko – Chi)آهي، جنهن جو مطلب آهي "آئينو تلاءُ" يعني . "Mirror Pond"تلاءَ ۾ ننڍڙا وڏڙا ٻيٽ به هيا.

پويلين کان ٻاهر وڏو ميدان پارڪنگ لاءِ مخصوص هيو. اسان جي اچڻ وقت ڪار پارڪنگ ۾ سوين گاڏيون بيٺل هيون. جڏهن اسان واپس ٿياسين، تڏهن سواءِ اسان جي گاڏيءَ جي، ڪا به گاڏي اتي موجود نه هئي. اسان حيران ٿي وياسي. گارڊ پريشان لڳو پيو هو ۽ اسان کي ڳولي رهيو هو. اسان کي ڏسي چيائين: "پارڪنگ جو وقت 5:00 وڳي ختم ٿي ويندو آهي. توهان ڪٿي گم هيئو؟" اسان شرمندا به ٿياسي ۽ حيران پڻ، ته جاپاني قوم وقت جي ڪيڏي نه پابند آهي. اسان گارڊ سان معذرت ڪري پنهنجي گاڏي ڪڍي آياسي.

شبابَ، رستي ۾ هڪَ ٻي تفريحي ماڳ تي اچي ڊاٻو ڪيو. هتي چيريءَ جا تمام گهڻا وڻ هئا. ندي پئي وهي، جنهن ۾ رنگَ ۽ روشنيون عڪس ٻڻجي ڏِيکُ ڏئي رهيون هيون. هڪ عجيب دلڪش ڏيک. هِڪَ پاسي گهر، دڪان ۽ هوٽل هئا. ان ماڳ جو نالو "اراشياما" هيو.

"ڪيوٽو" جي اولهه واري حصي ۾ واقع "اراشياما" جاپان جي مشهور تفريحي ۽ حسين ماڳن مان هڪ آهي. اهو ماڳُ قديم زماني کان وٺي قائم آهي. هتي ڏسڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. 382 ميٽر اوچيون پهاڙيون، ندي، هزارين بانس جي وڻن سان ڍڪيل رستا ۽ چيريءَ جا بيشمار وڻ. هتي ئي "ٽينريو_جي" مندر به آهي، جيڪو عالمي ورثي طور رجسٽرڊ آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته، "هيئن" دور ۾ شهنشاهه ساگا هتي هڪ ولا جوڙيو هو ۽ ان کان پوءِ هي ماڳ ترقي ڪندو رهيو. بهارَ رت ۾ چيريءَ جا گُلَ ۽ خزان ۾ خوبصورت رنگين پَنَ ۽ گڏوگڏ تاريخي مندر ۽ مزارون سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز رهندا پيا اچن.

نديءَ جو نالو "اوئي" ٻڌايو ويو. "اوئي" ندي "ٽوگيٽسو پل" جي وسيلي هِنَ خوبصورت واديءَ سان جڙيل آهي. هتي سياري ۾ پونڊڙ برف جا نظارا به ڏسڻ وٽان هوندا آهن. "ڪاماڪورا" دؤر ۾ هن تفريحي ماڳ، ٻڌ ثقافت جي مرڪز طور به ترقي ۽ سجاڳپ ماڻي آهي.

شباب ٻڌايو ته، "گيٽسويل" جو مطلب آهي "چنڊ پار ڪندڙ پُل." اسان ٻڌي خوش ٿياسي.

"هيءَ پل پهريون ڀيرو 836ع ۾ ٺهي، ان جو نالو شهنشاهه ڪاميانا جي هڪِ قولَ تان پيو، جنهن چيو هو ته، "ائين ٿو لڳي جڻ چنڊ پل جي مٿان تري رهيو آهي." شبابَ وڌيڪ ٻڌايو.

"آراشياما" جي مذهبي اهميت به آهي، جنهن جو سڀ کان اهم اهڃاڻ "ٽينريو_جي" مندر آهي. هي مندر 1339ع ۾ شوگن اشيڪا گاٽا ڪائونجيءَ تعمير ڪرايو هو. زين ٻڌمت جو وڏو مرڪز هي مندر يونيسڪو جي عالمي ورثي ۾ شامل آهي. هتان جو بانس جو ٻيلو به سياحن لاءِ ڇڪَ جو سبب رهيو آهي. قديم زماني ۾ بانس کي بُرائيءَ کان بچاءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو، ان ڪري مندرن جي چوڌاري بانس پوکيا ويندا هئا.

"ايدو" دور ۾ "آراشياما" عام ماڻهن لاءِ تفريح جو مرڪز بڻجي ويو ۽ شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ ان جو جام ذڪر ڪيو آهي.

اڄڪلهه هي ماڳ جديد دؤر ۾ به سياحت جو مرڪز بڻيل آهي. هتي "منڪي پارڪ" ٺاهيو ويو آهي ۽ "ساگانو" رومانوي ٽرين پڻ هلائي وڃي ٿي، جنهن ۾ جوڙا ويهي لطف ماڻن ٿا. بنا ڪنهن شڪ جي هي تفريحي ماڳ تاريخي سونهن ۽ حالَ جي حسناڪيءَ جو حسين سنگم آهي.

اسان "آراشياما" کي آرامَ سان گهمي، ڏسي وائسي واپس ورياسي. رستي ۾ علي جوهر جي هِڪَ دوست جو پاڪستاني هوٽل هيو، جتي شباب گاڏي روڪي. اتي رات جي ماني کاڌي سي. بِلُ شبابَ ڀريو ۽ پوءِ رات جو اسان کي اچي اسان جي ماڳ ڇڏيائين. ■

74 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر

# سنڌ ۾ تعليمي سڌارن ۾ استادن جي سکيا جي شروعات

ڊاڪٽر زاهد حسين سھتو



سنڌ، جيڪو پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏي آباديءَ وارو صوبو آهي، اهو اڄ پنهنجي تعليمي سفر جي اهم موڙ تي بيٺو آهي. صوبي ۾ 5 کان 14 سالن جي عمر جا لڳ ڀڳ 74 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. اهي اسڪول وڃڻ جي عمر واري ڪل آبادي جو تقريبن 44 سيڪڙو ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ حڪومت ۽ تعليمي ادارا گڏيل طور تي استادن جي تياريءَ واري نظام ۾ وڏيون تبديليون آڻي رهيا آهن، جيئن ايندڙ نسل کي جديد، معياري ۽ برابريءَ تي ٻڌل تعليم فراهم ڪري سگهجي.

سنڌ جو تعليمي نظام ڪيترين ئي اهم چيلينجز کي منهن ڏيئي رهيو آهي. هتي وڏي تعداد ۾ اهڙا استاد موجود آهن، جيڪي يا ته مڪمل تربيت يافته ناهن يا پراڻن تدريسي طريقن تي ڀاڙين ٿا. ڪيترن استادن وٽ جديد تدريس، ٻارن جي نفسيات، مضمونن ۾ مهارت ۽ امتحاني جائزي بابت گهربل ڄاڻ جي کوٽ آهي. استادن جي تربيت جي لاءِ چئن سالن جي بي ايڊ، اڍائي سالن جي بي ايڊ ۽ ڏيڍ سال جي بي ايڊ وارا پروگرام آهن، جيڪي مختلف ادارا توڙي يونيورسٽيون ڪرائي رهيون آهن، پر اهي به اڪثر استادن کي مڪمل طور تي ماهر طور سکيا نه ٿا ڏين.

ٻئي پاسي ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، سجاول ۽ ٻين پٺتي پيل ضلعن ۾ استادن جي شديد کوٽ پڻ وڏو مسئلو بڻيل آهي. اڪثر اهي به شڪايتون آهن، ته اڪثر استاد اسڪول ئي نٿا وڃن، ۽ گهر ويٺي پگهار کڻي رهيا آهن.

انهن چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت استادن جي پيشيوراڻي حيثيت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم قدم کڻي رهي آهي. ان سلسلي ۾ ”ٽيچنگ لائسنس پاليسي“ هڪ تاريخي اڳڀرائي سمجهي وڃي ٿي، جنهن جو انتظام سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي وٽ آهي. هاڻي بي ايڊ ۽ ٻيون تدريسي ڊگريون رکندڙ اميدوارن لاءِ لائسنسنگ امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي، ته جيئن معياري ۽ قابل استاد اسڪولن تائين پهچي سگهن.

استادن ۽ هيڊ ماسترن جي ميرٽ تي ڀرتيءَ واري عمل کي به وڌيڪ شفاف بڻايو ويو آهي، جڏهن ته استادن جي تربيتي ادارن جي نگراني ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ به نوان فريم ورڪ تيار ڪيا پيا وڃن.

سنڌ ارلي لرننگ اينهانسمينٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن يعني ”سيلڪٽ“ منصوبي تحت شروعاتي درجن جي ٻارن لاءِ پڙهڻ، لکڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي، ته جيئن ٻار اسڪولن ۾ دلچسپي سان رهي، پڙهي سگهن. ڊراپ آئوٽ جي تناسب کي گهٽايو وڃي.

سنڌ ۾ استادن جي تربيت ۾ ڊجيٽل ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال به تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. يونيسيف ۽ خان اڪيڊمي پاڪستان جي سهڪار سان صوبي ۾ استادن جي تربيت جي لاءِ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل آن لائين پروگرام پڻ شروع ڪيو ويو آهي، جيڪو استادن کي سنڌن ضرورت موجب سکيا جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

ڊجيٽل اوزارن، گڏيل سکيا واري نظام ۽ انگن اکرن تي ٻڌل تدريسي طريقن کي پڻ متعارف ڪرايو پيو وڃي، خاص طور تي انهن علائقن لاءِ جتي تربيتي سهولتون محدود آهن. جيتوڻيڪ بجلي، انٽرنيٽ ۽ تربيت يافته عملي جي کوٽ جهڙا مسئلا اڃا موجود آهن، پوءِ به سنڌ تدريسي نظام کي جديد بڻائڻ جي سفر تي اڳتي وڌي رهي آهي.

### شموليت ۽ برابري

هاڻوڪي دور ۾ سنڌ جي استادن جي تياريءَ ۾ صرف ڪتابي تعليم نه، پر شموليت، برابري ۽ سماجي هم آهنگيءَ تي به زور ڏنو پيو وڃي. استادن کي گهڻ-ٻوليائي ڪلاسن، معذور ٻارن، پٺتي پيل برادرين ۽ نياڻين جي تعليم بابت خاص تربيت ڏني پئي وڃي. موسمياتي تبديلين، ٻوڏن ۽ سماجي بحرانن کي نظر ۾ رکندي اهڙن استادن جي ضرورت تي زور ڏنو پيو وڃي، جيڪي مشڪل حالتن ۾ به ٻارن جي سکيا جاري رکي سگهن. ان کان علاوه غير رسمي تعليمي مرڪزن ۽ ٻئي موقعي واري تعليم جي پروگرامن کي به وڌايو پيو وڃي، جتي اسڪولن کان ٻاهر رهيل ٻارن کي ٻيهر تعليم سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

سنڌ جي پنج سالا تعليمي روڊ ميپ 2024 کان 2030 تائين واضح هدف مقرر ڪيا آهن، جن ۾ اسڪولن کان ٻاهر ويٺل لکين ٻارن کي تعليم جي دائري ۾ آڻڻ ۽ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ شامل آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته استادن جي مسلسل تربيت، بهتر پگهارون، سنڌن ترقيءَ جا موقعا، ۽ نون استادن لاءِ رهنمائي وارو نظام انتهائي ضروري آهي. ان سان گڏ مصنوعي ذهانت، سائنس، ٽيڪنالاجي، فنون، رياضي ۽ سماجي سکيا جهڙن جديد شعبن کي پڻ تدريسي نظام جو حصو بڻائڻو پوندو.

سنڌ کي حقيقي معنيٰ ۾ تعليمي طور مضبوط صوبو بڻائڻ لاءِ حڪومت، يونيورسٽيز، خانگي شعبن، عالمي ادارن ۽ مقامي برادرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، ڇو ته اڄ استادن تي ڪيل سيڙپڪاري سڀاڻي جي روشن، خوشحال ۽ برابريءَ واري سنڌ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي. ■



---

نالي واري شاعره روبينه ابڙو، حبدار سولنگي، نالي وارن صحافين رزاق ابڙو، اعظم ظهراڻي، سڄاڻ شخص ۽ يوگا جي ماهر محمد هاشم ابڙو ۽ ٻين ڪيترين ئي اهم شخصيتن جو ڳيريلي شهر سان تعلق آهي.

# هائر سيڪنڊري اسڪول ڳيريلي جي عمارت جي اڌوري ڪم کي اڌ ۾ ڇڏئي 15 سال ٿي ويا

ذوالفقار علي ابڙو



ڳيريلو، باقراڻي تعلقي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ اهم ۽ قديمي شهر آهي. هن شهر کي اديبن، شاعرين، صحافين ۽ سياستدانن جو شهر پڻ سڏيو ويندو آهي. نالي واري شاعره روبينه ابڙو، حبدار سولنگي، نالي وارن صحافين رزاق ابڙو، اعظم ظهراڻي، نالي واري شخصيت محمد هاشم ابڙو ۽ ٻين ڪيترين ئي اهم شخصيتن جو هن شهر سان تعلق آهي، پر افسوس جو ان جي تعليمي صورتحال تسلي بخش ناهي. هن شهر جي آس پاس ڪيترائي اهم ڳوٺ پڻ موجود آهن، جن ۾ سرفهرست ڳوٺ ترائي، ڳوٺ عمر پيو، ٽريچا، ڪُلي، ماڻو ۽ ڪجهه ٻيا ڳوٺ آهن.

ان سان گڏ هيءُ هڪ اهم واپاري مرڪز پڻ آهي، تنهن ڪري هڪ وڏي آبادي رکندڙ هن شهر ۽ علائقي جي تعليمي صورتحال ۽ تعليمي سهولتن کي ڏسجي ٿو ته تمام گهڻو افسوس ٿئي ٿو.

اهڙي افسوسناڪ صورتحال جو هڪ مثال اهو آهي ته هائر سيڪنڊري اسڪول، ڳيريلي جي عمارت جي اڌ ۾ ڇڏيل اڌوري ڪم کي لڳ ڀڳ 15 سال گذري چڪا آهن، پر اها مڪمل ناهي ٿي سگهي. نتيجي ۾ هتي فرسٽ ايئر ۽ انٽرميڊيئيٽ جا ڪلاسز شروع نه ٿيڻ سبب علائقي جي سوين شاگردن کي ڪاليج سطح جي تعليم جي لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو ٿو پوي. ان سان جتي شاگردن کي ذاتي طور تي تڪليف ٿي پهچي، سندن پڙهائي متاثر ٿئي ٿي، اُتي مهانگائيءَ واري هن دور ۾ سندن والدين کي پڻ تمام گهڻي مالي ڏکيائيءَ کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو.


ڳيريلي شهر ۽ ان سان لاڳاپيل ڳوٺن جي تعليم يافته نوجوانن جو چوڻ آهي ته، ان صورتحال جي مقامي سطح تي، تعليم کاتي جي واسطيدار عملدارن کي سموري ڄاڻ آهي، پر هو الائي ڪهڙي سبب ان اهم معاملي کي مسلسل نظرانداز ڪري رهيا آهن.



علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ان صورتحال جي يقينن سنڌ جي تعليم کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه کي ڪا به ڄاڻ نه هوندي. جيڪڏهن ان کي اهڙي خبر هجي ها ته، اها عمارت گهڻو اڳ تعمير ٿي چڪي هجي ها. تنهن ڪري انهن سيد سردار علي شاهه کي گذارش ڪئي آهي ته، اهو مقامي تعليمي آفيسرن جي نااهليءَ جو نوٽيس وٺندي، هائر سيڪنڊري اسڪول ڳيريلي جي عمارت جو اڌ ۾ ڇڏيل ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪرائي ڏيئي، سوين شاگردن جي تباهه ٿيندڙ مستقبل کي بچايو وڃي. ■

# آخري اوڀاسي

تاج سروهي






سانجهيءَ جي آذان ۾ اجان ڪجهه گهڙيون هيون، ته آچر پنهنجي بيمار پوڙهي پيءُ کي ڪارگو تي ڪٽائي پر واري شهر جي هڪ مشهور ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي پهتو.

ڊاڪٽر وٽ مريضن جي رش لڳي پئي هئي، جنهن ڪري آچر جو نمبر ڪجهه دير سان آيو ته آچر ٿڌو ساهه کڻي دل ئي دل ۾ چيو، ”شڪر ٿيو ڊاڪٽر وٽ ته پهتاسي، باقي جيڪا رب جي رضا.“

ڊاڪٽر آچر ڏي منهن ڪري پڇيو، ”ڪراڙي کي ڇا ٿيو آهي؟“

آچر چيس، ”سائين ڪجهه ڏينهن کان ابي کي کنگهه ، بلگم ۽ ساهه کڻڻ جي تڪليف پورو ڪري ڇڏيو آ. سرڪاري اسپتال مان به دوا ڪرائي مانس پر ڪوئي فائدو نه پيس.“

ڊاڪٽر ڪمپائونڊر کي بخار ۽ بلڊپريشر چيڪ ڪرڻ جو چيو. بخار ۽ بلڊپريشر چيڪ ڪري ڪمپائونڊر پرچي ڊاڪٽر جي آڏو رکي ته ڊاڪٽر جي اکين ۾ حيرانگي ڏسي آچر جا چپ خشڪ ٿي ويا . ان دوران ڊاڪٽر جي موبائل ۾ ميسيج جي گهنٽي وڳي، پر ڊاڪٽر ان طرف ڌيان نه ڏيندي اٿي پوڙهي جي ڀاڻ چڪاس ڪئي. پر آچر جي پيءُ کي ساهه کڻڻ جي بيماريءَ ايترو ته سهڪائي وڌو هو، جو چاهيندي به ڳالهائي نه پيو سگهي.

ڊاڪٽر پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي بال پين چپن تي رکي سوچيندي، پيڊ جي پني تي دوائون لکيون ۽ پنو آچر جي هٿ ۾ ڏئي چيائيس، ”الله خير ڪندو. پنجن ڏينهن کان پوءِ وري ڏيکاري وڃجانءِ.“ آچر ٻاهر نڪري ڪائونٽر تي ويٺل ڪمپائونڊر کي ڊاڪٽر جي في هڪ هزار رپيا ڏني، ۽ ڪارگو جي ڊرائيور جي مدد سان پيءُ کي کڻي ڪارگو ۾ سمهاريو، جنهن ۾ پلال مٿان رلهي وڇايل هئي.

آچر پنهنجي پيءُ جو وڌيل سهڪو ڏسي، ڪن پل لاءِ سڪتي ۾ اچي ويو ته ڪارگو جي ڊرائيور ڪلهي تي هٿ رکي چيس، ”آچر مون کي ٻه هزار ڏي ته مان تيل پرائي اچان. تيسيتائين تون ڪلينڪ جي ڪنڊ واري اسٽور تان دوائون وٺي وٺ.“

آچر هزار ڪڍيو ته باقي کيسي ۾ 450 رپيا بچيس. هن اسٽور واري کي پرچي ڏئي چيو، ”ادا پنجن ڏينهن جي دوا گهٽ پئسن جي ٿيندي؟“

هن ڪلڪيوليٽر تي ٻيهر حساب ڪري چيس، ”رعايتي 2550 رپيا ٿيندا.“

آچر رقم جو ٻڌي چپ ٿي ويو. وٽس ايترا پئسا نه هئا. ايتري ۾ ڪارگو وارو تيل پرائي آيو ته آچر پنهنجي پيءُ کي بيوسيءَ مان نهاريو ۽ ڪارگو واري کي چيو، ”هل ته دوا ڳوٺ واري اسٽور تان ٿا وٺئون. هتي مهانگي آهي.“

ڳوٺ پهچي پيءُ کي گهر ڇڏي سئوٽ صدوري کان 3000 اڌارا وٺي بائيڪ تي چڙهي اچي شهر پهتو. جنهن به اسٽور کي پرچي ڏيکاري پيو، اهو چئيس پيو، ”اها دوا اسان ڪڍهن رکي ئي ڪونهي.“ تڙ تڪڙ ۾ پريشان ٿي، چار پنج اسٽور پڇڻ کان پوءِ پهريان واري اسٽور تي ويو، جنهن کي چيائين ته، ”هي ڪهڙي دوا آهي، جيڪا ڪنهن ٻئي اسٽور تان ملي ئي نٿي.“

اسٽور واري طنز مان کلي چيس، ”توکي ڪنهن چيو هو ته ٻئي اسٽور تي وڃ. هتان جي لکيل دوا هتان ئي ملندي آ.“

آچر دوا وٺي جلدي اچي گهر پهتو ته، سڀ پاڻي آچر جو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ مريض کي ونجٽو هٽي رهيا هئا.

آچر پهچڻ سان پيءَ کي سڏ ڪيو، ”بابا مان دوا آندي آ ٿورو سجاڳ ٿي.“

ٻيهر سڏ ڪيائين ته پٽس اکيون کولي پٽ ڏي نهاريو ۽ آخري اوڀاسي ڏنائين ته سندس اکين سان گڏ سهڪو به هميشه لاءِ بند ٿي ويو. آچر جي هٿ مان دوائن جي ٿيلهي ڪِري پئي.

گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو شروع ٿي ويو. ان وقت ڳوٺ مان لائوڊ اسپيڪر تان ٿيندڙ اعلان ڪين ٻڌڻ ۾ آيو ته، ”سڀاڻي دم جي مريضن لاءِ مفت طبي ڪئمپ لڳي رهي آهي، جنهن ۾ ملڪ جا ماهر ڊاڪٽر مفت چڪاس سان گڏ مفت دوائون به ڏيندا.“ ■

## جنگ جي ڏينهن ۾...


شاعري: سدره سحر عمران



ترجمو: اويس ساگر



جنگ جي ڏينهن ۾ سهاڳڻيون
مڙسن جو انتظار ڪنديون آهن
۽ ٻار
غليل سان کيڏڻ سکي ويندا آهن۔
جنگ جي ڏينهن ۾ مائرون
جوان پٽن جون پڳهارون نه
تابوت وصول ڪنديون آهن
پيءُ چاهيندا آهن
ته سندن نياڻيون مري وڃن۔
پکين وٽن تي ويهڻ ڇڏي ڏنو آهي
برسات کي رستو نٿو ملي
جنگ جي ڏينهن ۾ پوپٽ
بارود سان مڙهيل گوليون ٻڌجي
اکين ۾ چُڀڻ لڳندا آهن۔
گلن کي ايترو وقت ناهي ملندو
جو ڪنهن سيج جي سونهن بڻجي
سگهن۔
جنگ جي ڏينهن ۾
محبت جو ذڪر
مرتد ٿيڻ کان به وڌيڪ خراب آهي
ڪو کلي پوي ته ائين لڳندو آهي
جڻ ڪنهن گار ڏني هجي۔
جنگ جي ڏينهن ۾
اونداهي ۽ روشني
هڪ ٻئي تي حرام ٿي وينديون آهن
گهرن جي ٻاهران لڳل تختيون
قبرن جي ڪتبن ۾ بدلجي وينديون آهن۔
جنگ جي ڏينهن ۾
آئينا به
ويڳا مائٽ لڳڻ لڳندا آهن
ائين لڳندو آهي
ته موقعو ملندي ئي
جان سان ماري ڇڏيندا!
جنگ جي ڏينهن ۾!! ■






نظم

# وصال

## ساپيان سانگي

رات رستن تي ماڪ پئي مرڪي
ها!ستارن جي جڇ لٿي هئي ڪا
چنڊ چلڪيَ چمي چني دل جي
ڪير ڏارا جي چاٽ چٽڪائي
ڪئي ڪتين آجيان اجالن سان
ساعتون نور جا وڳا پهري
نينهن جي هنج ۾ هليون آيون
چا ٻڌايان سڄڻ! پَسڻ تنهنجو
ڪير ڏارا جي عڪس جيئن اجرو
جوت جنهن جيءَ اڱيان هئا هڙئي
عرش ۽ فرش جا جَهڪا جلوا...
هي وصالن ڪان وڌ ڪهاڻي آ
جوت جيڪا ٻه توڪان ماڻي آ
سا حسابن سان ڪيئن تي ڪٿجي
سا ڪتابن ۾ ڪيئن تي ليجي
پيار تنهنجو پرين پهر ناهي
شام ناهي ۽ ڪا سحر ناهي
منهنجي جيون جي سپ دعائن جو
منهنجي معصوم التجائن جو
تون سراپا متو ثمر آهين.



# غزل

## بدر شاهه

وقت ناڻي تي ضميرن کي خريندو ٿو وڃي
نار وانگر زندگي جو رت ولوڙيندو ٿو وڃي

ٻار چوندي هڪبئي کي هيئن ٿي گذريا
چنڊتي بيٺل هيو وڻ سو ته سڪندو ٿو وڃي

تاڙ ۾ قاتل متان ڪوئي هجي بيٺو لڪل
شهر ۾ ڳوناٽو هلندي پاڻ چوندو ٿو وڃي

اي وڇوڙي جي هوا! آهستہ آهستہ گهل
ديپ مرڪن جا ته هو ٻاريندو ٿو وڃي

آرسيءَ مان عڪس بيٺل رات چورائجي ويو
آرسيءَ سان خواب گڏ روئيندو ٿو وڃي

دوستو اڄجو ’بدر‘ جي مدفن تي ضرور
خودڪشي ڪان اڳ نياپو ڏيندو ٿو وڃي،



# وائي

## حسن وساڻ

تون نہ ڄاڻين تہ
تو ڪان پوءِ اسان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا
دونهين جيان دُکي پيو
دل ۾ درد اجان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا
اڄ بہ خالي موٽياسين
تنهنجي ئي در تان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا
پير اگهاڙا ننهڻ ۾
سورج آهي اڳيان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا
ساهه منجهي ٿو تو بنان
هيل تہ تون اچجان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا
اڏامي ويو امن جو
پنڇي ڌرتيءَ تان
ڪيڏو پوڳيون ڻا پيا



# غزل

## وفا جانوري

وڪن گسن تي صليب سارا متان اپا هئا
اسان مليا سين زماني وارا متان اپا هئا

هٿن ۾ خنجر هئا ڪنين ڪي ۽ ساڻ پٽر
جوان پوڙها ۽ ٻار سارا متان اپا هئا

رڳو ئي دونهان عمارتن مان اٿيا پئي
گسن تي ٻاهيون الاءِ ڪارا متان اپا هئا

جلائي گهرڙو چڏيئون ته منهنجو رڙيون هيون ۽
امان ابو ۽ ٻچا ويچارا متان اپا هئا

اتان هليو ويس پري تي آخر وري نہ موٽيس
پٽيان تہ دشمن ذليل خارا متان اپا هئا

خطا تہ مونکان وڏي برابر انهي مهل تي
ڪا رات ڪاري ۽ ڏور تارا متان اپا هئا



# غزل

## نويد نازيٽي

درد ڪيڏو قديم آهين تون
دل ۾ ساندهہ مقيم آهين تون

ننڊ منهنجي لهي ٿي ماڻُ وڏو
خواب واقعي عظيم آهين تون

وصل جو و ٿي سگهيو ناهين
ها جدائي جو جيم آهين تون

توتي سايو نہ سنڌ جو آهي
پو تہ واقعي يتيم آهين تون.

■

Young Mothers

# سماج جون ستايل ڇوڪريون



هڪ سوچهن منٿن واري هن شاندار فلم ”ينگ مدرس،“ جنهن کي ڪانز فلم فيسٽيول ۾ بهترين اسڪرين پلي ۽ ايڪيومينيڪل وارو ايوارڊ مليو آهي، ان ۾ چئن ڳورهارين، ننڍين نيٽين ڇوڪرين جي ڪهاڻي بيان ڪئي ويئي آهي. انهن جن جون عمرون پندرهن سال ۽ ان جي آسپاس آهن، ۽ جيڪي بدسلوڪيءَ، غربت ۽ غير مستحڪم خانداني ماحول کي پوڳيندڙيون آيون آهن. اهي ڳورهاريون ڇوڪريون نوجوانن لاءِ مخصوص پناهه گاهه ۾ رهن ٿيون ۽ اتي رهندي پنهنجن ٿيڻ وارن ٻارن سان گڏ آزاد زندگي شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون انهيءَ سان گڏ اهي سماج جون ستايل ڇوڪريون نوڪري، اپارٽمنٽ ۽ معاشي استحڪام حاصل ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ پڻ ڪن ٿيون.

ڪهاڻي ۾ ٻيبيٽ وربيڪ، جيسيڪا جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪا ڳورهاري نوجوان ڇوڪري آهي ۽ پنهنجي سڳي ماءُ جي ڳولا ۾ آهي. اها پنهنجين داخلي تڪليفن سان وڙهي رهي آهي. ان ڪانسواءِ پرلا (لوسي لارويل، جنهن فلم ۾ تمام گهڻي شاندار اداڪاري ڪئي آهي)، جولي ۽ اريان جهڙن ڪردارن تي ٻڌل آهي. اهي ڇوڪريون پنهنجن ٻارن کي بهتر مستقبل ڏيڻ لاءِ سخت قسم جون ذميواريون کڻن ٿيون، مشڪل فيصلا ڪن ٿيون (جهڙوڪ گود ڏيڻ يا عارضي طور ٻارن کان جدا ٿيڻ) ۽ پنهنجي ٻارن کي ان کان بهتر زندگي ڏيڻ جي لاءِ هر قسم جون تڪليفون برداشت ڪن ٿيون، جنهن بهتر زندگي کان اهي پاڻ هميشه محروم رهيون آهن.

ڊاردن ڀائرن پنهنجي مخصوص انداز سان هيءَ فلم دستاويزي نموني ۾ ٺاهي آهي _ حقيقي هنڌ ماڳن تي هينڊ هيلڊ ڪئميرا، نوجوان اداڪارائن جي خام جذبن جا قريبي شاٽس، گهٽ پس منظري موسيقي ۽ حقيقي اداڪاري (حقيقي ٻارن سان). انهي طريقي سان فلم جذباتي صداقت کي وڌائي ٿي، بغير جذباتي زيادتي يا مصنوعيت جو شڪار ٿيڻ جي.

نيل مينوءَ فلم ۾ انهن ڇوڪرين جي ناممڪن حالتن سان گهاٽي همدردي ۽ سندن جاکوڙ جو احترام ڏيکاريو آهي، جيڪي غربت، نشي، بدسلوڪيءَ وارن رشتن ۽ عدم استحڪام کي منهن ڏئي رهيون آهن. آخر ۾ اميد افزا قسم جي موسيقي (اپولينيئر جي نظمن ۽ موزارٽ سان) شامل آهي. نقاد ۽ ناظرين هن فلم کي انسان دوست، همدردي، اميد ۽ لچڪ جو طاقتور گواهه قرار ڏين ٿا، جيڪا ڊاردن ڀائرن جي شاندار فني سفر سان مطابقت رکي ٿي. مجموعي طور ”ينگ مدرس“ احترام سان پيش ڪيل، بصيرت واري فلم آهي، جيڪا پنهنجي موضوع جي عزت ڪري ٿي ۽ ڊاردن ڀائرن جي رحمدل نظريي کي نکاري نروار ڪري ٿي. ■

# نوجوان اداڪاره ٻيبيٽ وربيڪ - Babette Verbeek



ٻيبيٽ وربيڪ نوجوان ۽ باصلاحيت بيلجيمي اداڪاره آهي، جنهن 2025/2026ع ۾ ”ينگ مدرس“ فلم ۾ جيسيڪا جي ڪردار ذريعي عالمي سڃاڻپ حاصل ڪئي آهي. هوءَ 2006ع ۾ يوسيل ۾ ڄائي. هن وقت سندس عمر لڳ ڀڳ 19–20 سال آهي. سندس نيريون اکيون ۽ قدرتي اداڪاريءَ جو انداز کيس نئين نسل جي نمايان فنڪارن مان هڪ بڻائي ٿو.

ٻيبيٽ ويربيڪ اداڪاريءَ جي شروعات ننڍي عمر ۾ ڪئي. هن 2020ع جي مختصر فلم 1984، 2022ع جي ڪڊل ۽ لي ايڪول ڊاس فيميس جهڙين فلمن ۾ ڪم ڪيو. 2023ع ۾ هن ”اينيمل فارم“ ۾ به حصو ورتو. انهن شروعاتي ڪمن کيس فلم ۽ ٿئيٽر، ٻنهي جو تجربو بخشيو، خاص طور فرانسيسي ٻوليءَ وارن يورپي فني ڌرين ۾.

سندس وڏو بريڪ ٿرو ”ينگ مدرس“ سان ٿيو، جيڪا مشهور هدايتڪارن: جين پيري ڊاردن ۽ لڪ ڊاردن جي هدايت ۾ ٺهي.

هن فلم ۾ ٻيبيٽ ويربيڪ جيسيڪا جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪا هڪ ڳورهاري نوجوان ڇوڪري آهي ۽ پنهنجي سڳي ماءُ جي ڳولا ۾ آهي، اها پنهنجين اندروني تڪليفن سان وڙهي رهي آهي. سندس اداڪاريءَ کي نقادن گهڻو ساراهيو آهي، خاص ڪري سندس جذباتي گهرائي، سچائي ۽ فطري انداز کي پسند ڪيو پيو وڃي.

اداڪاري کان علاوه هن 2025ع ۾ ”وم ويندبيڪيبس“ سان گڏ ووئڊ نالي پرفارمنس ۾ ڪم ڪري ٿئيٽر ۾ به ڪاميابي ڏيکاري. ٿورن لفظن ۾ ته ٻيبيٽ ويربيڪ پنهنجي اداڪاريءَ جي شروعاتي مرحلي ۾ ئي غيرمعمولي پختگي، جذباتي گهرائي ۽ فطري اداڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. ڊاردن ڀائرن سان ڪم ڪرڻ کيس يورپي سينما جي اڀرندڙ ستارن ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اميد ڪئي ٿي وڃي ته مستقبل ۾ هوءَ وڌيڪ اهم ۽ چيلينجنگ ڪردار نڀائيندي. ■